

رساله نور





مصنف

حضرت مخدوم
ابوالحسن ڏاهري

نقشبندي عليه الرحمة المتوفي ۱۱۸۱ھ

مترجم

مفسر قرآن مبلغ اسلام

مولانا محمد ادريس
ڏاهري نقشبندي

شائع ڪندڙ **اداره خدمت القرآن والسنة** شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

رسالہ نور

مصنف

حضرت مخدوم ابو الحسن ڏاهري

نقشبندي عليه الرحمة المتوفيٰ سنہ ١١٨١هہ

مترجم

مفسر قرآن مبلغ اسلام

مولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي

شايع ڪندڙ

اداره خدمة القرآن والسنة

شاهپور جهانيان

ضلع نوابشاهہ

نالو: رسالـه نور

مصنف: حضرت مخدوم ابو الحسن ڏاهري نقشبندي عليه الرحمة

مترجم: مفسر قرآن مبلغ اسلام
مولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي.

شايع ڪندڙ: اداره خدمة القرآن والسنة
شاهپور جهانيان، ضلع نوابشاهه.

هديه: ۴۰ روپيا

ڇپيندڙ: نفيس پرنٽنگ پريس
لجپت روڊ حيدرآباد

ملڻ جو هنڌ: مدرسه عربيه جامعه محمديه،
شاهپور جهانيان، ضلع نوابشاهه.

مضمونن جي فهرست

انتساب

آءُهن رسالۂ نور، مبارڪ جي ترجمه جو انتساب نقشبندي سلسلي جي سرواڻ حضرت امام رباني مجدد و منور الف ثاني خواجه احمد سرهندي عليه الرحمة جن جي ذات عالي صفات ڏانهن ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان جنهن جي فيض جي مهرباني مصنف ۽ مون مترجم جي مٿان دائم ۽ قائم آهي.

الفقير محمد ادريس عفي عنه

بہ اکر

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الحمدلله خالق الايام والشهور والصلواة والسلام علي حبيبه ونبيه سيدنا ومولانا محمد النبي النور وعلي وآله واصحابه الي يوم البعث والنشور- اما بعد هيءَ ڳالهہ مسلمانن پائرن جي اڳيان سج کان وڌيڪ روشن ۽ صاف ظاهر آهي تہ جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نبوتءِ رسالت يقيني آهي تيئن سندن نور هجڻ بہ يقيني آهي قرآن ڪريم جي آيتن، نبوي حديثن، اصحابن سڳورن امامن مجتهدن جي ارشادات مان ۽ سلف صالحين، مفسرن، محدثن، سيرت نگارن،مؤرخن،فقيهن ۽ متصوف عالمن جي فرمانن مان اهو عقيدوثابت هيو ۽ آهي. چند وهابيت جي دلدادن کان سواءِ حبيب پاڪ، صاحب لولاڪ، عليه افضل الصلوات واکمل التحيات جن جي نورهجڻ جو ڪوبہ منڪر نہ هوندو آهي، اسان جي سنڌسونهاري جي برک عالم ،ڪامل، مڪمل ۽ اڪمل ولي، مخدوم المخاديم، سند الاقاليم المخدوم الحاج ابوالحسن الداهري النقشبندي المجددي عليه‌الرحمة والغفران جن جو ان موضوع تي لکيل هي ننڍڙو رسالو فيض عجاله نهايت بهترين ۽ فائديمند نظر آيو پر فارسي زبان۾ هجڻ جي ڪري علماء ڪرام کان سواءِ ٻيا ماڻهو ان مان فائدوحاصل ڪري نہ سگهن ها ان جي ڪري ان جوفارسي اصل مواد سان گڏسنڌي ترجمہ ڪري سنڌي پائرن جي سَيِن کي سروربخشيندڙسوکڙي شايع ڪري سندن خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.اميد تہ ان کي مطالعہ ڪري پنهنجي پياري،حق واري عقيدي تي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم رهندا ۽ مون عاجز کي پنهنجي مقبول ۽ مستجاب دعائن ۾ ياد ڪرڻ فرمائيندا.

والله الڪريم الهادي

الى الصراط المستقيم

الفقيرالي الله المغيث محمد ادريس الداهري عفي عنه ٢٦ صفر ١٤١٨ھ

الموافق:١- جولاءِ ١٩٩٧ع

بروز اڱارو

تقريظ

از علامه مجاهد ملت مناظر اهل سنت فاضل جليل الحاج مولانا مفتي عبدالرحيم سڪندري مدظله العالي ودامت شفقته علينا.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

زير نظر ڪتاب، سنڌ جي بزرگ عالم، مخدوم ابو الحسن ڏاهري نقشبندي قدس الله سره العزيز جي تصنيف فرمايل ڪتابن مان هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي. مگر افاديت جي لحاظ سان اهم ڪتاب آهي. جنهن مان سنڌ جي قديم علماء اهل سنت جي مسلڪ جي چڱي طرح پروڙ پئجي سگهي ٿي. ڪتاب جو موضوع، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي نورانيت (نور) هجڻ جو ثبوت آهي. علامه صاحب جا لکيو آهي، اهو اوهان اصل ڪتاب ۾ پڙهندا. هت مختصر عرض ڪجي ٿو ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي ابتدا، سڀ مخلوق کان مقدم آهي، جنهن بابت قرآن مجيد جي هيٺين آيت شريف شاهد آهي:

وَإِذْ أَخَذْنَا مِنَ النَّبِيِّينَ مِيثَاقَهُمْ وَمِنكَ وَمِن نُّوحٍ وَإِبْرَاهِيمَ وَمُوسَىٰ وَعِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَأَخَذْنَا مِنْهُم مِّيثَاقًا غَلِيظًا لِّيَسْأَلَ الصَّادِقِينَ عَن صِدْقِهِمْ وَأَعَدَّ لِلْكَافِرِينَ عَذَابًا أَلِيمًا (سورة احزاب آيت ٧ - ٨)

ترجمه: اي محبوب ياد ڪر جڏهن اسان نبين کان عهد ورتو ۽ تو کان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسىٰ ۽ عيسىٰ ابن مريم کان ۽ اسان انهن کان پڪو وعدو ورتو جيئن سچن کان الله تعالىٰ انهن جي سچ بابت سوال ڪري ۽ ان ڪافرن جي واسطي دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

ان آيت شريف جي تفسير بابت علامه جلال الدين سيوطي پنهنجي ڪتاب الخصائص الڪبرىٰ ۾ لکيو آهي ته اخرج ابن ابي حاتم في تفسيره وابونعيم في الدلائل من طرق عن قتادة عن الحسن عن ابي هريره عن النبي صلى الله عليه وسلم في قوله تعالىٰ "وَإِذْ أَخَذْنَا مِنَ النَّبِيِّينَ

مِيثَاقَهُمْ " الاية قال كنت اول النبيين في الخلق وآخرهم في البعث فبدء به قبلهم (ص ٣)

ترجمه: حضرت ابوهريرة كان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو ته الله تعالىٰ جي هن فرمان "واذ اخذنا من النبيين ميثاقهم" جو تفسير هي آهي ته آءٌ سيني نبين سڀني کان پيدائش ۾ مقدم آهيان (اول آهيان) ۽ مبعوث ٿيڻ ۾ آخر آهيان. پوءِ الله تعالىٰ کين سيني کان اول پيدا فرمايو حضور صلى الله عليه وسلم جي ان فرمان مبارڪ مان ثابت ٿيو ته پاڻ حضرت آدم عليه السلام کان به مقدم آهن. تفسير معالم التنزيل ۾ به حضرت ابوهريرة رضي الله عنه جي روايت سان مٿين حديث مبارڪ آندل آهي:

"كُنْتُ اَوَّلَ النَّبِيِّيْنَ فِي الْخَلْقِ وَآخِرَهُمْ فِي الْبَعْثِ" (ص ٣٣٢ ج -٥) ترجمو مٿي گذريو.

ثابت ٿيو ته حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جي ذات مبارڪ جي ابتداءتمام انبياء عليهم السلام کان به اول آهي. اهاڳالهه مٿين آيت مبارڪ جي تفسير ۾ معتبر مفسرن به ذڪر ڪئي آهي پڻ متعدد حديثن مان به اها ڳالهه ثابت آهي. جيئن علامه احمد بن حسين بيهقي دلائل النبوة ۾ حضرت ميسرة رضي الله عنه جي روايت سان حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جي هيءَ حديث نقل ڪئي آهي:

عن ميسرة الفجرقال قلت: يَارَسُوْلَ اللهِ مَتىٰ كُنْتَ نَبِيًّا ؟ قَالَ وَآدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ (ص١٢٩ ج- ٢) حضرت ميسره رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون عرض ڪيو يا رسول الله! اوهان ڪڏهن نبي ٿيؤ، پاڻ فرمايائون:آدم عليه السلام اجان جسم ۽ روح جي وچ تي هيو ته آءٌ نبي هيس.

ان حديث مبارڪ مان به ثابت آهي ته حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم آدم عليه السلام کان به اول نبي هيا. ظاهر آهي ته نبوت

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي صفت آهي ۽ قانون آهي ته، صفت هميشه ذات کان مؤخر هوندي آهي تسليم ڪرڻو پوندو ته نبوة واري صفت سان متصف ٿيڻ کان به اڳ ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم موجود هيا. حضرت عباس رضي الله عنه هڪ ڀيري عرض ڪيو ته يا رسول الله! مون کي اجازت ڏيو ته آءُ اوهان جي ڪجهه وصف بيان ڪريان. پاڻ فرمايائون:

"- قُلْ لَايَفْضِضِ اللهُ فَاکَ- "

هائو چئو الله تعاليٰ تنهنجي وات کي خراب نه ڪندو. ان کان بعد حضرت عباس رضي الله عنه، حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي روبرو شعر پڙهيا جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

(١) مِنْ قَبْلِهَا طِبْتَ فِي الظِّلَالِ وَفِيْ
مُسْتَوْدَعٍ حَيْثُ يُخْصَفُ الْوَرَقُ،

يارسول الله اوهان آدم عليه السلام جي پٺيءَ ۾ ولادت کان اڳ ۾ عمدي حالت ۾ هوا جتي (جنت جي وڻن جا) پن هيٺ مٿي هڪ ٻئي سان ملايا ٿي ويا. (يعني جڏهن آدم عليه السلام پنهنجي شرمگاهه کي وڻن جي پنن سان ڍڪيو ٿي).

(٢) وَرَدْتَ نَارَ الْخَلِيْلِ مُكْتَتِمًا
فِي صُلْبِهِ أَنْتَ كَيْفَ يَحْتَرِقُ

اوهان ابراهيم عليه السلام جي پٺيءَ ۾ آيا جنهن وقت ان کي باهه ۾ وڌو ويو. چونڪه اوهان ان جي پٺي ۾ مخفي هيا پوءِ هو ڪيئن سڙي ها؟

(٣) وَأَنْتَ لَمَّا وُلِدْتَ أَشْرَقَتِ
الْأَرْضُ وَضَاءَتِ بِنُوْرِكَ الْأُفُقُ

جڏهن اوهان جي ولادت ٿي ته زمين روشن ٿي وئي ۽ اوهان جي نور سان آفاق منور ٿي ويا.

(٤) فَنَحۡنُ فِيۡ ذَالِکَ الضِّيَآءِ وَفِي
النُّورِ سُبُلَ الرَّشَادِ نَخۡتَرِقُ

اسان بہ ان روشني ۽ نور ۾ هدايت جي رستن کي طئي ڪري رهيا آهيون. (خصائص ڪبريٰ ص ٣٩ ج - ١)

حضرت ڪعب بن زهير رضي الله عنه حضور اڪرم صلی الله عليه وسلم جي روبرو قصيدو ڳاهي پڙهيو هيو. جڏهن هيٺئين بيت کي پڙهيائين تہ پاڻ تمام گهڻان خوش ٿيا ۽ حضرت ڪعب کي پنهنجي چادر مبارڪ انعام ۾ عطا فرمايائون اهو بيت هي آهي:

اِنَّ الرَّسُوۡلَ لَنُوۡرٌ يُّسۡتَضَآءُ بِهٖ
مُهَنَّدٌ مِنۡ سُيُوۡفِ اللهِ مَسۡلُوۡلٌ

بي شڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم ضرور نور آهن جو ڪائنات نور حاصل ڪيو ويندو آهي. الله تعالىٰ جي عمده تلوارن مان تلوار آهن.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي ٻن اصحابن سڳورن (حضرت عباس ۽ حضرت ڪعب رضي الله عنهما) سندن روبرو عرض ڪيو آهي تہ يا رسول الله! اوهان نور آهيو ۽ حضرت آدم عليه السلام کان بہ اڳ ۾ آهيو ۽ پاڻ ٻنهي کان راضي ٿيا آهن. هڪڙي کي دعا فرمائي اٿن تہ تنهنجي وات کي الله تعالىٰ خراب نہ ڪندو تہ ٻئي کي چادر انعام عطا فرمائي اٿن. گويا ٻنهي اصحابن سڳورن جي ڳالهہ جي تائيد ۽ تصديق فرمائي اٿن.

ان ڪان علاوه بيشمار حديثون ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جا اقوال سيرت جي ڪتابن ۾ موجود آهن. جن ۾ مٿيون مضمون تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي.

محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلّم جي نورانيت جوثبوت قرآن مجيد جي بيشمار آيتن ۾ موجود آهي. اختصار کي مدنظر رکندي هڪ

ايت ۽ ان جو تفسير هيٺ پيش ڪجي ٿو.

"قَدْجَاۤءَكُمْ مِنَ اللهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ" (سوره مائده آيت ١٥)

ترجمــه: بيشــڪ توهان وٽ الله تعــالیٰ جي طرفــان نور ۽ روشن ڪتاب آيو.

ان آيت ۾ واو مغايرت جو آهي. جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ نور ۽ روشن ڪتاب جدا جدا ٻہ شيون آهن اتي نور مان مراد حضور اڪرم صلی الله عليه وسلم جي ذات مبارڪ آهي ۽ روشن ڪتاب مان مراد قرآن مجيد آهي. الله تعالیٰ وٽان اسان ڏانهن ١ هي ٻہ شيون آيون آهن تڏهن انهن جو هڪ آيت شريف ۾ گڏ ذڪر ڪيو ويو آهي.

نور کي ڪتاب مبين کان اڳ ۾ ذڪر ڪرڻ جي هي حڪمت آهي تہ جنهن شـخص کي نبي صلی الله عليــه وسلم جي نور هجڻ ۾ شڪ هجي، ان لاءِ روشن ڪتـــاب هدايت ڪرڻ لاءِ مـــوجود هجي، ٻيـــو تہ جيڪڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جو نور مبارڪ مقدم نہ هجي ها تہ (ڪتاب مبين) روشن ڪتاب دنيا ۾ نہ اچي ها.

ان آيت جي تفسير ۾ عـلامہ ابو جعفر محمد بن جرير الطبري متوفي سن ٣١٠هه عليه الرحمة لکيو آهي.

يقول جل ثناءه لهؤ لاءِ الذين خاطبهم من اهل الكتاب قَدْجَاۤءَكُمْ (يٰا اهل التوراة والانجيل) مِنَ اللهِ نُوْرٌ يعني بالنور محمدا صلیٰ الله عليه وسلم الذي انار الله به الحق، واظهر به الاسلام ومحق به الشرك فهو نور لمن استنار به يبين الحق. تفسير الطبري ص ١٦١ ج۴.

الله تعالیٰ اهل ڪتاب کي مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ اوهان ڏانهن الله تعاليٰ وٽان نور آيو آهي يعني نور مان مراد حضرت محمد صلی الله عليه وسلم آهي جنهن سان الله تعــالیٰ حق کي روشن فرمايو آهي ۽ ان جي ذريعي ئي اسلام کي غالب فرمايائين ۽ سندن ذريعي شرڪ ميٽجي ويو. پوءِ پاڻ نور آهن جن سان روشني ٿي ۽ حق ظاهر ٿيو.

ان مان ثابت ٿيو تہ متقدمين مفسرين جو بہ عقيدو اهو آهي تہ "قَدْجَاءَكُمْ مِنَ اللهِ نُوْرٌ" مان مراد، مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي ذات مبارڪ آهي.

حقيقت ڪان بي خبر ۽ متعصب وهابي اعتراض ڪندا آهن تہ جيڪڏهن پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم "نور" آهن تہ پوءِ "بشر" نہ ٿيا. حالانڪ سندن بشريت جو قرآن مجيد ۾ ثبوت موجود آهي. ان جو جواب هي آهي تہ اهو ڪليہ ئي غلط نهيل آهي تہ جيڪو "نور" هوندو، اهو "بشر" نہ هوندو. گويا "نور" کي "بشر" جو ضد سمجهي اهو اعتراض اٿاريو ويو آهي. معترض کي پنهنجي ڪم عقلي ۽ جهالت سببان اها ڄاڻ ڪانہ آهي تہ نور جو ضد ڇا آهي؟ دراصل نور جو ضد بشر نہ آهي، بلڪ نور جو ضد ظلمت آهي. هن طرح چئني سگهجي ٿو تہ جيڪا شيءِ نور آهي ان کي ظلمت نہ چئبو پر جيڪو نور آهي اهو بشر نہ آهي. اهو چوڻ غلط آهي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم نور هجڻ جي باوجود بي مثل بشر افضل البشر ۽ خيرالبشر آهن جنهن جو ڪنهن بہ اهل سنت وجماعت جي عالم کي انڪار ڪونہ آهي. پاڻ بشري عنصر مان پيدا ٿيڻ باوجود نور مان بہ پيدا ٿيا آهن.

جيئن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني الشيخ احمد سرهندي قدس سره جن فرمايو آهي:

بايد دانست کہ خلق محمدي دررنگ سائر افراد انساني نيست بلڪ بخلقے هيچ هيچ فردي از افراد عالم مناسبت ندارد کہ اوصلى الله عليه وسلم باوجود نشاء عنصري از نورحق جل وعلىٰ مخلوق گشتہ است ڪما قال عليه الصلواة والسلام خُلِقْتُ مِنْ نُّورِ اللهِ (مڪتوبات شريف دفتر سوم خط ۱۰۰ صہ ۷۵)

ڄاڻڻ گهرجي تہ محمدي خلقت بہ ٻين انساني فردن جي پيدائش جهڙي نہ آهي بلڪ پيدائش ۾ ساري جهان جي فردن مان ڪنهن بہ هڪ

فرد سان سندن پيدائش مناسبت نٿي رکي. جو رسول الله صلی الله عليه وسلم عنصري پيدائش (بشري عنصر) مان پيدا ٿيڻ باوجود، الله تعالیٰ جي نور مان پيدا ٿيا آهن. جيئن حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم فرمايو آهي خُلِقْتُ مِنْ نُّوْرِاللهِ (آءٌ الله تعالیٰ جي نور مان پيدا ڪيو ويو آهيان.)

ثابت ٿيو ته پاڻ بشر هجڻ جي باوجود به نور آهن ۽ نور هجڻ جي ڪري سندن بشريت جو انڪار نٿو ٿئي جو نور ۽ بشر هڪ ٻئي جو ضد نه آهن. اهڙي ڳالهه نورانيت جي منڪرن جي پيشوا مولوي رشيد احمد گنگوهي صاحب به لکي آهي لکي ٿو:

جڏهن سالڪ جو نفس مطمئنه ۽ شمع وانگر نوراني ٿيندو آهي ته ان جي نفس کي " ذات نفس جو سير" حاصل ٿيندو آهي. جنهن سان انسان جو نفس نوراني ٿي ويندو آهي. ان جي ڪري الله تعالی پنهنجي حبيب صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ فرمايو آهي، " قد جَآءَكُمْ مِنَ اللهِ نُوْرٌ وَّ كِتَابٌ مُّبِيْنٌ" بيشڪ آيو توهان وٽ الله تعالیٰ جي طرفان نور ۽ روشن ڪتاب. اتي نور مان حبيب خدا صلی الله عليه وسلم جي ذات مبارڪ مراد آهي ۽ هي به الله تعالی فرمايو آهي "يَآ اَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا وَّدَاعِيًا اِلَى اللهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا" اي نبي اسان توکي نور ۽ خوشخبري ٻڌائيندڙ، ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ الله ڏانهن سڏيندڙ ۽ روشن چراغ بنائي موڪليو آهي. منير ان کي چئبو آهي جيڪو روشن ڪندڙ ۽ ٻين کي نور ڏيندڙ هجي. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي انسان کي روشن ڪرڻ، انسان جي لاءِ محال هجي ها ته نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم کي اهو ڪمال به حاصل نه هجي ها جاڪاڻ ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم به ته آدم عليه السلام جي اولاد آهن، مگر پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي ذات کي ايترو ته پاڪ بنايو جو پاڻ خالص نور بڻجي ويا. ۽ الله تعالی ڪين

نور سڏيو. ۽ مشهور آهي تہ سندس سايو نہ هيو ۽ ظاهر آهي تہ نور کان سواءِ هر جسم جو سايو هوندو آهي. امداد السلوڪ ص١٥٨ مولوي گنگوهي صاحب ٿورو اڳتي هلي لکيو آهي :

قرآن شريف جي آيتن مان ثابت آهي تہ حضور صلی الله عليہ وسلم جي متابعت سان (ايمان وارن کي) ايمان ۽ نور ہئي حاصل ٿيندا آهن. حضور صلی الله عليہ وسلم فرمايو آهي:

مون کي الله پنهنجي نور مان پيدا فرمايو آهي ۽ مومن کي منهنجي نور مان پيدا فرمايو اٿس. پڻ پاڻ هن طرح دعا گهري اٿن. اي منهنجا الله! منهنجي ڪن، اکين ۽ قلب کي نور بڻاءِ بلڪ هيئن عرض ڪيو اٿن تہ خود مون کي نور بناءِ.پوءِ جيڪڏهن اسان جي نفس جو روشن هجڻ محال هجي ها تہ پاڻ اها دعا هرگز نہ گهرن ها. ڇاڪاڻ تہ محال ڳالهہ جي لاءِ دعا گهرڻ بالاتفاق منع آهي. حضرت ابوالحسن نوري کي نوري ان جي ڪري چوندا هيا جو ڪيترا ڀيرا ان مان نور ظاهر ٿيندي ڏٺو ويندو هو. امداد السلوڪ ص١٥٨

ان مان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس الله سره العزيز جي فرمان مبارڪ جي تائيد ٿئي ٿي تہ پاڻ بشري عنصرن مان پيدا ٿيڻ جي باوجود ، نور مان بہ پيدا ٿيا آهن، پيو هي بہ ثابت ٿيو تہ بشر نور بہ ٿي سگهندو آهي.

اهل سنت وجماعت جو بہ اهو ئي عقيدو آهي جيڪو حضرت امام رباني قدس سره السامي جي مڪتوب شريف مان معلوم ٿيو. مزيد وضاحت لاءِ هن طرح سمجهڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اوهان کان ڪو شخص سوال ڪري تہ فلاڻو ماڻهو ڪاري رنگ جو آهي يا قد جو ڊگهو آهي؟ تہ ان کي چئبو ڪاري رنگ جو ضد، ڊگهو قد نہ آهي. بلڪ سفيد آهي. ۽ ڊگهي قد جو ضد بندرو آهي. اهڙي طرح ڪو پڇي تہ فلاڻو ماڻهو عالم آهي يا معذور آهي؟ تہ ان کي چئبو تہ ادا! عالم جو

ضد. معذور نہ آهي بلڪ جاهل آهي. ۽ معذور جو ضد تندرست آهي. بِالڪل اهڙي طرح نبي ڪريم صلی الله عليہ وسلم جي باري ۾ جيڪڏهن ڪو سوال ڪري تہ پاڻ نور آهن يا بشر؟ تہ ان کي اسان چونداسون اي احمق! تنهنجو اهو سوال ئي غلط آهي. ڇو تہ نور جو ضد بشر نہ آهي بلڪ ظلمت (اونداهي) آهي. ۽ بشر جو ضد نور نہ آهي. بلڪ جن يا فرشتہ آهي. ان وضاحت کان بعد نور، بشر جي جهيڙي ۾ ڦاسندڙن کي چوڻ گهرجي تہ هن طرح سوال ڪريو تہ نعوذ بالله منها حضور اڪرم صلی الله عليہ وسلم نور آهن يا ظلمت. بشر آهن يا جن يا فرشتہ- آءٌ سمجهان ٿو تہ نپٽ جاهل بہ اهڙو سوال ڪونہ ڪندو- پوءِ ثابت ٿيو تہ محبوب ڪريم صلی الله عليہ وسلم ظلمت نہ آهن بلڪ نور آهن، ملائڪ يا جن نہ آهن بلڪ بشر آهن. يعني پاڻ ڪريم صلی الله عليہ وسلم بي مثال، نوري بشر، بلڪ افضل البشر، خيرالبشر آهن. سندن نورانيت ايتري تہ مسلم آهي جو سواءِ ڪورچشم جي ٻيو ڪوبہ ان جو انڪاري ڪونهي. نور اهو آهي جو پاڻ بہ ظاهر هجي ۽ ٻين کي بہ ظاهر ڪري. حضور اڪرم صلی الله عليہ وسلم پاڻ اهڙا تہ روشن آهن جو انهن کي بحر و بر، شجر و حجر، ۽ ڪائنات جي هر شيءِ سڃاڻي ٿي. انسان تہ ڪين سڃاڻن ٿا پر ڪين وڻ ۽ پٿر بہ سڃاڻي سلام ڪندا هيا. مقصد تہ پاڻ ڪريم صلی الله عليہ وسلم اهڙا تہ روشن ٿيا جو ڪنهن کان بہ مخفي نہ رهيا. ۽ ٻين کي بہ اهڙو روشن فرمايائون جو صدين کان انهن جو نالو روشن آهي. ان ڪري اسان رحمة للعالمين صلي الله عليہ وسلم کي نور مڃون ٿا. منڪر جي بقول معاذالله اگر نورٌ نہ آهن تہ ڇا ظلمت آهن؟ الله تعالیٰ شال سمجهہ نصيب فرمائي.

باقي رهيو سوال تہ پوءِ نور بشر جي مسئلي ۾ اختلاف ڇا جو آهي؟ ان لاءِ سمجهڻ گهرجي تہ مخالفين خالي تهمت بازي ۽ الزام تراشي جي ذريعي بنا ثبوت پروپئگنڊا ڪندا آهن تہ سني مسلمان،

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي بشريت (بشر هجڻ) جا انڪاري آهن. جاهلن تي تہ ڪا ميار ڪانهي، پر مخالفن پر علماء جو طبقو بہ ان مرض ۾ مبتلا نظر اچي ٿو جو انهن پنهنجي تصنيفن ۾ اهڙي ڳالهہ لکي شايع ڪرائي آهي. هيٺ ثبوت لاءِ هڪ بہ حوالو پڙهندا- مولوي نورالحسن بخاري ملتاني ديوبندي هڪ ڪتاب "بشريت النبي" (صلي لله عليه وسلم) لکيو آهي جنهن ۾ لکي ٿو:

حضرت محمد صلي الله عيلہ وسلم عبدالمطلب جو پوٽو، عبدالله جو لخت جگر، آمنہ جو لال، حليمہ سعديہ جي جهولي ۾ سالن جا سال کير پيئندڙ، مگر پوءِ سندس بشريت جوانڪار عجب ڳالهہ آهي (ص١٥)

بخاري صاحب ۽ سندس هم نوا ٻڌي ڇڏين تہ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي بشريت (بشر هجڻ) جو ڪير بہ انڪاري ڪونهي. جاهلانہ ڳالهہ نہ ڪريو. مولوي نورالحسن بخاري اڳتي لکيو آهي تہ:

محمد صلي الله عيلہ وسلم صرف بظاهر بشر نہ آهي درحقيقت بہ بشر آهي ۽ براءِ نام بشر نہ آهي بلڪ اوصاف ولوازم بشريت ۾ بہ انسانن سان شريڪ آهي. (بشريت النبي ص ١٠٤)

يا جيئن مولوي خليل احمد انبيٺوي ديوبندي لکيو آهي:

جيڪڏهن ڪير نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي، آدم جي اولاد هجڻ سبب ڀاءُ چوي ٿو تہ ڇا ٿي پيو. نص جي خلاف تہ نہ ٿو چوي، بلڪ نص جي موافق ٿو چوي. (براهين قاطعہ ص٧ ديوبند)

ثابت ٿيو تہ مسلمانن ۽ منڪرن ۾ صرف نور و بشر جي مسئلي جو اختلاف ڪونهي. اختلاف هنن ڳالهين ۾ آهي تہ معاذالله حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم اوصاف ۽ لوازم بشريت ۾ ٻين انسانن سان شريڪ آهن (٢) يا اسان جهڙا بشر آهن (٣) يا بني آدم هجڻ جي

ڪري اسان جا ياءِ آهن. جيئن مٿي اوهان ڏٺو ڇيڪي ديوبندي مولوين اهي ڳالهيون پنهنجين ڪتابن ۾ لکيون آهن. ان جي برعڪس ڪنهن به سنيءَ پنهنجيءَ ڪنهن تقرير يا تحرير ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي بشريت جو انڪار ڪونه ڪيو آهي. (هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صَادِقِيْنَ) اختلاف آهي ته هن ڳالهه ۾ ۽ انڪارآهي ته هن ڳالهه جو ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم بشر ته يقيناً آهن مگر اهڙا نه جو اوصاف ۾ پين جهڙا. يا بني آدم هجڻ ڪري اسان جا ياءِ- معاذالله يا اهڙا بشر نه آهن. جيئن ڪيس ڪافر پاڻ جهڙو بشر چوندا هيا.

قرآن مجيد ۾ متعدد جاين تي ڇٽو موجود آهي ته ڪافر نبين سڳورن کي پاڻ جهڙو بشر چوندا هيا. ڏسو: (١) نوح عليه السلام کي ڪافرن چيو: مَا نَرَاكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا. (سورة هود آيت ٢٧)

اسان توکي پاڻ جهڙو بشر ٿا سمجهون. ٻئي هنڌ آهي: فَقَالَ الْمَلَأُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا هٰذَا اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ- (سورة مومنون آيت ٢٤)

حضرت نوح عليه السلام لاءِ ڪافرن جي قومي سردارن چيو "هي ته اسان جهڙو بشر آهي. هود عليه السلام لاءِ ڪافرن چيو:

"مَا هٰذَا اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يَاْكُلُ مِمَّا تَاْكُلُوْنَ مِنْهُ وَيَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ وَلَئِنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ. (سورة مومنون آيت٣٣-٣٤)

هي ته توهان جهڙو بشر آهي جيڪو توهان کائو ٿا سو هي به کائي ٿو ۽ جيڪو توهان پيئو ٿا سو هي به پيئي ٿو. ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ جهڙي بشر جا مطيع ٿيندؤ ته توهان ذليل ٿي ويندو.

(٣) حضرت صالح عليه السلام لاءِ قوم ثمود چيو: " مَا اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا" . (سورة شعراء آيت١٥٤)

تون ته اسان جهڙو ئي بشر آهين.

(٤) حضرت شعيب عليه السلام کي جاهل ڪافرن چيو:"وَمَا اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَاِنْ نَّظُنُّكَ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ (سورة شعراء آيت ١٨٦)

تون اسان جهڙو بشر ني تہ آهين ۽ اسان توکي کوڙو گمان کيون ٿا.

(٥) حضرت نبي ڪريم صلي الله عيلہ وسلم لاء ابوجهل ۽ ان جي ساٿين هن طرح چيو:

"اِقْتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمْ وَهُمْ فِي غَفْلَةٍ مُّعْرِضُوْنَ مَا يَأْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ وَهُمْ يَلْعَبُوْنَ لَاهِيَةً قُلُوْبُهُمْ وَاَسَرُّوا النَّجْوَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا هَلْ هٰذَا اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ اَفَتَاْتُوْنَ السِّحْرَ وَاَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ"

(سورة انبياء-آيت ١ کان ٣ تائين)

ماڻهن لاء حساب ويجهو اچي ويو آهي ۽ اهي غفلت ۾ منهن ڦيريندڙ آهن. جڏهن انهن جي رب وٽان انهن وٽ ڪا نئين نصيحت اچي ٿي تہ ان کي نہ ٿا ٻڌن مگر راند ڪندي - انهن جون دليون غفلت ۾ آهن، ۽ ظالم مخفي طرح سرگوشي ڪري (چون ٿا) تہ هي ڪير آهي؟ هڪ توهان جهڙو ئي بشر تہ آهي. ڇاپوء ڏسي وائسي جادو وٽ وڃو ٿا.

انهن کان سواء ٻيون بہ بي شمار آيتون آهن جن مان ثابت آهي تہ ڪافر نبين سڳورن کي پاڻ جهڙو بشر چوندا هيا. ۽ ان ڳالهہ تي ئي اختلاف آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عيلہ وسلم بشر هجڻ باوجود اسان جهڙا بشر نہ آهن. مگر منڪرن جو چوڻ آهي تہ بلڪل اسان جهڙا بشر آهن. جيئن ڪتاب بشريت النبي جي ص ١٠٤ واري حوالہ مان ثابت آهي.

(هڪ مغالطي جو جواب)

مخالف چون ٿا، ڪافرن حضور اڪرم صلى الله عليہ وسلم جي رسالت جو هن ڪري انڪار ڪيو هو جو انهن جو خيال هيو تہ بشر، (ماڻهو) رسول نہ ٿيندو آهي. جيئن مولوي عبدالڪريم پيرائي فضائل النبي صلي الله عليہ وسلم جي ص ٩٥ تي لکيو آهي، ۽ اهڙو مغالطو

مولوي سيدنورالحسن بخاري ديوبندي بہ ڏنو آهي - لکي ٿو:

ڪافرن ۽ مشرڪن رسالت جو هن ڪري انڪار ڪيو جو چيائون تہ ڀلا ڪو بشر بہ ان رسالت ۽ نبوت واري اعزاز ۽ شرف جو مستحق ٿيندو؟ اهو نبوت وارو تاج تہ نور جي مٿي تي سونهين ٿو. جيڪڏهن الله تعالیٰ کي رسول موڪلڻو ئي هيو تہ ڪنهن نوراني فرشتي کي موڪلي ها- (بشريت النبي ص٧٦ ص٧٧)

ڏسو بنهي مولوين ڪيڏو وڏو مغالطو ڏئي ڪوڙ لکيو آهي. مولوي پيرائي ڄڻي مغالطي جو جواب. فقير راقم حروف جي ڪتاب "سيف يزداني" جي ص ٣٢٧ کان ص ٣٤٦ تائين تفصيل سان موجود آهي. هت اختصار کي مدنظر رکندي سندس دعویٰ جي ترديد لاءِ هڪ آيت شريف پيش ڪجي ٿي:

"إِذَا جَآءَتْهُمْ آيَةٌ قَالُوا لَنْ نُؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَا أُوْتِيَ رُسُلُ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ (سورة انعام آيت ١٢٤)

۽ جڏهن انهن (ڪافرن) وٽ ڪا نشاني اچي ٿي تہ چون ٿا: اسان هرگز ايمان نہ آڻيندا سين . جيستائين اسان کي بہ اهڙو (نبوت وارو رتبو) نہ ملندو جهڙو الله جي رسولن کي مليو- الله بهتر ڄاڻي ٿو، جتي پنهنجي رسالت رکي-

حضرت امام بيضاوي ان آيت جي شان نزول لاءِ هيئن لکيو آهي:

ان ابا جهل قال زاحمنا بني عبد مناف في الشرف حتي صرنا كفر سي رهان قالوا منانبي يوحيٰ اليہ - والله لانرضي به الا ان ياتينا وحي كما ياتيه فنزلت- (بيضاوي -ص ١٩٠ ج -١

ابو جهل چوڻ لڳو تہ بنو عبد مناف (نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي خاندان) سان اسان هر محاذ تي مقابلو ڪيو آهي. ۽ شرف ۾ گهوڙي ڪن برابر رهيا آهيون ليڪن هاڻي هو چون ٿا (تہ توهان شرافت ۽ بزرگي ۾ اسان جو مقابلو ان ڪري نہ ٿا ڪري سگهو جو)

اسان جي خاندان ۾ هڪ نبي پيدا ٿيو آهي، جنهن وٽ الله تعاليٰ جي طرفان وحي اچي ٿي. الله جو قسم اجيستائين اسان وٽ اهڙو وحي نه ايندو، جهڙو ان وٽ ايندو آهيتيستائين اسان ان جي نبوت کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيون. اهڙي ڳالهه امام بغوي، تفسير معالم التنزيل جي ص ١٨٠ جلد ٢ تي به لکي آهي، جنهن مان ثابت ٿيو ته ڪافرن، حسد، ريس، دشمني ۽ چڱ مڙسي جي شوق ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي رسالت جو انڪار ڪيو هيو. بشريت جي ڪري سندن رسالت جو انڪار ڪو نه ڪيو هيائون.مخالفن جو اهو چوڻ ته ڪافرن جو خيال هيو ته بشر (ماڻهو) رسول نه ٿيندو آهي، بالڪل غلط ۽ ڙوڪو آهي، ڇيو ته ڪافرن ڪڏهن به ائين ڪونه چيو هيو ته رسول نوراني فرشته ئي هوندو آهي. پوري قرآن مجيد مان اها ڳالهه ڪوبه ثابت نٿو ڪري سگهي.

هن بحث جو خلاصو هي آهي ته بقول حضرت امام رباني قدس سره السامي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم بشري عنصر مان پيدا ٿيڻ باوجود، الله جي نور مان پيدا ٿيا آهن (ائين نه چئبو ته ڪو نور الاهي سندن مادو آهي، بلڪ الله تعاليٰ جي نور جي فيض مان پيدا ٿيا آهن) ۽ ان جي ڪري نور آهن. پوءِ نور مڃڻ سان سندن بشريت جو به انڪار ڪونه ٿيندو جو نور،بشر جو ضد نه آهي بلڪ نور جو ضد ظلمت آهي ۽ يقيناً پاڻ ظلمت نه آهن ته يقين سان چئي سگهجي ٿو ته پاڻ نور آهن ۽ ڪين بي مثل بشر چوڻ سان سندن نورانيت جو به انڪار ڪونه ٿيندو. البت ڪين پاڻ جهڙو بشر سڏڻ يا چوڻ. يا ڪين اوصاف۽لوازم بشريت ۾ ٻين انسانن سان شريڪ مڃڻ يا معاذ الله بني آدم هجڻ سبب ڪين ڀاءُ سڏڻ بي ادبي آهي ۽ سندن بي ادبي ڪرڻ ڪفر آهي ۽ ان بحث مان هي نتيجو به ظاهر آهي ته اصل اختلاف نور ۽ بشر جونه آهي. دراصل اختلاف انهن عبارتن جي ڪري پيدا ٿيو آهي جن ۾ معاذ الله حضور

اڪرم صلی الله عليه وسلم کي بلڪل پاڻ جهڙوبشر، بي وس بندو ۽ پاڻ يا وڏي ڀاءُ جهڙو سڏيو ويو آهي ۽ اها حقيقت آهي تہ انهن ڳالهين کي جيڪڏهن قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ ڏٺو وڃي تہ بلڪل ڪفريہ عبارتون آهن جو خير القرون واري دور کان وٺي اڄ کان اٽڪل تقريبًا سو ١٠٠ سال تائين نور بشر واري مسئلي کي نہ صحابہ ڪرام. نہ تابعين عظام، نہ فقهاء ومحدثين نہ علماء متقدمين نہ اولياء راسخين عليهم الرحمة والرضوان زير بحث آندو نہ ان طرف سوچيو ڇاڪاڻ تہ اهو مسئلو محل نزاع هيوئي ڪونہ ۽ صدين کان ان مسئلي تي علماء اهل سنت جو مڪمل اتفاق ۽ اتحاد رهيو آهي. جيئن علامہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي قدس سره جي هڪ تصنيف لطيف بنام رسالہ درثبوت نور محمد صلی الله عليه وسم مان ثابت آهي. مخدوم ڏاهري صاحب جي وفات (١١٨١هه) ۾ آهي. جنهن کي اڄ تقريبًا (٢٣٧) ٻہ سو ستٽيهہ سال گذري ويا آهن. جنهن مان سنڌ جي قديم علماء راسخين جي عقيدي جي خبرپوي ٿي تہ سنڌ جي قديم علماء اهل سنت جو اهوئي عقيدو هيو تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم "نور" آهن.حضرت مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ٻي تصنيف "ينابيع الحيواة الابدية" جي باب اول فصل (٢١) ۾ بہ مصطفیٰ صلي الله عليہ وسلم جي نورانيت جي اثبات بابت بحث موجود آهي. ان مسئلي کي اختلافي ۽ نزاعي انهن مولوين بنايو، جي کي فرنگي اقتدار جا پرستار ۽ غمخوار هيا. جن مسلمانن ۾ اختلاف،افتراق ۽ انتشار پيدا ڪرڻ لاءِ ان مسئلي کي اٿاري،حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم کي معاذ الله بالڪل پاڻ جهڙو بشر،بي وس بندو، وڏي ڀاءُ جهڙوچئي، ڪتاب لکي، مسلمانن جي ايماني دولت تي ڌاڙوهنيو ۽ بي خبر عوام کي ان مسئلي ۾ الجهائي، انگريزي اقتدار کي مضبوط بنايو. مسئلو اختلافي ڪونہ هيو اصل اختلاف انهن ڪفريہ عبارتن جي ڪري پيدا ٿيو. اڄ بہ

جيڪڏهن انهن نزاعي ۽ ڪفريہ عبارتن کان انهن جا حامي مولوي دستبردار ٿين ۽ ڪفريہ عبارتن کي ڪتابن مان ڪڍي ڇڏين تہ مسئلوحل ٿيو پيو آهي.

جسُ آهي اسان جي پياري، ۽ محبوب عالم، عمدة المفسرين واعظ الاسلام فخر اهل سنت حضرت علامہ ومولاناالحاج محمد ادريس ڈاهري نقشبندي طاهري دامت برڪاتهم العاليہ کي، جن حضرت مخدوم ابوالحسن ڈاهري قُدِّسَ سِرُّهُ العزيزجن جي هن مفيد ڪتاب جوسولي سنڌي ۾ ترجمہ ڪرڻ فرمايو آهي. اميد آهي تہ اهو رسالو سنڌي خوانده حضرات لاء نورانيت مصطفيٰ صلى الله عليہوسلم جي موضوع تي سنگ ميل جي حيثيت رکندو. دعا آهي الله تعالىٰ پنهنجي محبوب ڪريم رؤف رَّحِيمٌ صلى الله عليه وسلم جي طفيل اسانجي فاضل مترجم کي خضري حياتي عطا فرمائي جو تائيد اهلسنت لاء سندن قلم مبارڪ تاديرجنبش ۾ رهي.

اين دعا ازمن واز جملہ جهان آمين باد.

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.وصلى الله تعالىٰ علىٰ خير خلقه ونورعرشه سيدنا و مولانا محمد وآلہ وصحبہاجمعين.

الراقم فقيرعبدالرحيم سڪندري.

٧- رمضان المبارڪ ١٤١٨هہ

تـاثـر (١)

مرحوم حضرت علامه پير عبدالله جان المعروف شاهہ آغا سرهندي (وفات ١٣٩٣ھ/ ١٩٧٣ع)،
درگاهہ ٽنڊو سائينداد ضلع حيدرآباد سنڌ

الحاج مخدوم ابوالحسن ڏاهري

علامہ الحاج مخدوم ابوالحسن ولد بادل ولد عبدالرشيد قريشي ڏاهري (ڏاهري سنڌ ۾ نالو وڏي قوم ۽ ذات جو آهي). علم ديني ۾ ماهر، تصوف ۽ شاعري ۾ ڪامل هو. سندس شعر عربي ۽ فارسي ۾ آهي. سندس تصنيفات گهڻي آهي، مگر "ينابيع الحيواة الابدية في طريق الطلاب النقشبندية" نالي ڪتاب تمام وڏو ٻن جلدن ۾ لکيل اٿس. اسان جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. طريقہ نقشبنديه ۾ مُريد شيخ عبدالرسول صديقي احمدآبادي جو آهي.

مخدوم محمد هاشم جو همعصر ۽ معتقد هو، جو سندس تعريفون پنهنجن ڪتابن ۾ لکيون اٿس. سندس قبر ۽ قبو ضلع نوابشاهہ ۾ اسٽيشن دوڙ جي نزديڪ ديهہ نصرت نمبر٦٩ ۾ آهي. سندس پُٽ عبدالرسول ۽ پوٽو محمد پريل بہ انهيءَ قبي ۾ سندس ڀاسي ۾ دفن ٿيل آهن.

---

(١) نقل از: بياض قلمي حضرت شاهہ آغا عبدالله جان سرهندي المعروف تاريخ مشاهير اسلام. (مترجم)

سنہ ١١٦٨ھ ۾ وفات ڪئي آهيس.⁽¹⁾ انشاءالله هاڻي نوابشاهہ ويندا سون تہ سندس قبر ڳولي هٿ ڪنداسين ۽ فاتحہ پڙهي بخشينداسين. شايد تہ قيامت جي ڏينهن اسانکي سُڄاڻي ۽ شفاعت ڪري. اسانجو پير پائي هم طريقت آهي. اسان کي ڏاڍو پيارو آهي. مٿئين بيان مان اوهان کي معلوم ٿيو تہ سنڌ ۾ نالي وارا "ابوالحسن" نامدار ٽي ⁽²⁾ علماءَ آهن. هڪڙو ابوالحسن ڪبير، ٻيو ابوالحسن صغير، ٽيون هيءُ ابوالحسن ڏاهري نقشبندي رضي الله تعالىٰ عنهم اجمعين.

---

(1) وفات جي صحيح تاريخ ١١٨١ھ آهي ڇو تہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري ١١٧٦ھ ۾ زنده هو ۽ ان سال ۾ ڪتاب ڪچڪول نامہ ۽ رفع الفرية والمرية لکيائين. (مترجم)

(2) سنڌ ۾ ست ابوالحسن ٿي گذريا آهن: ١- ابوالحسن محمد بن عبدالله سنڌي ثم بصري، ٢- ابوالحسن بکري، جيڪو ملا علي قاري جي استاد شيخ علي متقي هندي جو بہ استاد هو، ٣- ابوالحسن بن عبدالعزيز ٺٽوي جنهن جو ڪتاب مقدمة الصلواة عرف ابوالحسن جي سنڌي لکيل آهي، ۴- ابوالحسن بن ملا عثمان ٺٽوي، ٥- ابوالحسن (ڪبير) محمد بن عبدالهادي ٺٽوي جيڪو صحاح ستہ جو شارح آهي، ٦- ابوالحسن (صغير) غلام حسين بن محمد صادق نقشبندي ٺٽوي، ٧- مخدوم ابوالحسن بن بادل قريشي ڏاهري نقشبندي. (مترجم)

تاثر (١)

عـلامه ابـو سعيـد غلام مصطفيٰ قـاسمي
ڊائريڪٽر شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ

ابــوالحســن ڏاهــري

مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي واديءَ مهراڻ جي انهن اهل الله بزرگن ۽ صوفي شاعرن مان تي گذريو آهي، جنهن جي عارفانہ ڪلام ۽ عالمانہ تصنيفن تي بجا طور فخر ڪري سگهجي ٿو. مگر افسوس جو اجا تائين اهڙن عارفن ۽ عالمن جو ڪلامُ سندن علمي تصنيفون رڳو ڪن ذاتي ڪتبخانن ۽ لائبريرن جو سينگار رهنديون اچن ٿيون.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري نوابشاهه ضلعي جي وچولي ۽ ساهتيءَ جي سونهن هو ۽ اتي جي سَنُ ساوڙي ڏاهريءَ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس ڄم جي صحيح تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي، پر تخمينو اهو آهي تہ سنہ ١١١٦ هجري ڌاري ڄائو آهي.

ڏاهرين لاءِ پاڻ وٽ جدا جدا روايتون ۽ رايا آهن، پر مشهور ائين آهي تہ سنڌ جي قديم حڪمران "راجا ڏاهر" جو اولاد سمجهيا ويندا آهن، مگر اسان جو هي قديم عالم ۽ شاعر ابوالحسن ڏاهري انهيءَ نسبت کان خوش نظر نٿو اچي.

---

(١) نقل از سہ ماهي الرحيم نمبر پيو سال ١٩٦٥ع.

چو تہ هو پنهنجي مشهور تصنيف "ينابيع الحيواة الابدية" ۾ پنهنجي نالي جي پنيان "الداهري القرشي" آڻي اهو ٻڌائڻ گهري ٿو تہ ڏاهري قريشي عرب آهن.

هن بزرگ ڪٿي تعليم پرائي؟ ان بابت تصديق سان ڪجهہ بہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

قاضي فتح محمد نظاماڻي مرحوم (متوفیٰ ١٣٣٩هہ/ ١٩٢٠ع) کان اسان کي هڪ واسطي سان روايت پهتي آهي تہ پير سيد رشد الله صاحب العلم (الرابع) (وفات ١٣٤٠هہ/ ١٩٢٢ع). هڪ ڀيري جهونا ڳڙهہ جي سفر تي ويا ۽ قاضي فتح محمد صاحب نظاماڻي بہ ساڻن گڏ هو. اتي جڏهن ڪوٽيانہ شهر ۾ ويا تہ ماڻهن کين اُتي جي جامع مسجد ڏيکاري جيڪا ١٠٧٠هہ جي جڙيل هئي ۽ ان مسجد لاءِ ٻڌايو ويو تہ اوهان جو ابوالحسن ڏاهري هتي پڙهي ويو آهي. اسان کي هن روايت جي تصديق مخدوم ڏاهريءَ جي هڪ عبارت مان معلوم ٿئي ٿي. جا هن اُويسي طريقي جي اپٽار ڪندي پنهنجي ڪتاب "ينابيع" ۾ لکڻ فرمائي آهي. هو لکي ٿو تہ:

"ڪِن اُويسي مشرب وارن کي غيبي آواز ذريعي ارشادَ ملندو آهي ۽ ڪِن سان ڪامل روحن طرفان آمهون سامهون خطاب ٿيندو آهي تہ ڪِن کي ڪنهن واقع مان ڏيکاري ڏني ويندي آهي، تہ ڪِن کي وري خواب يا الهام ذريعي ارشاد ٿيندو آهي."

پوءِ ٿو لکي تہ:

"اِهو هن ڪتاب (ينابيع) جو مؤلف ابوالحسن خدا جو قسم کڻي چوان ٿو ته، مون هڪ (اُويسي مشرب) شخص کي ڏٺو جيڪو سنڌ جو وينل هو. حرمين شريفين جو پانڌيئڙو بڻجي ملڪ سورٺ هتي ڪوٽيانه ۾ رهيو. ان وچ ۾ هڪ رات حقير يعني ابوالحسن کي فرمائڻ لڳو ته، جي توکي راز رکڻ جي سگهه هُجي ته توسان هڪ راز سَلڻ گهران ٿو. مون هائو ڪئي، پوءِ هن پنهنجو روحاني راز آنحضرت ﷺ کان ارشاد وٺڻ جو بيان ڪيو."

هتان اهو صاف ظاهر نظر اچي ٿو ته اسانجي هن صوفي شاعر ۽ عالم واديءَ مهراڻ کان ٻاهر به فيض پرايو آهي.

اسان جو هي بزرگ شعر به چوندو هو، ٻُڌڻ ۾ ته ائين آيو آهي ته سنڌي ۽ فارسي ٻنهي ٻولين جو شاعر هو. پر افسوس جو سندس سنڌي ڪلام زماني جي خورد بُرد کان بچي نه سگهيو ۽ سندس فارسي شعر ڪتابي شڪل ۾ موجود آهي. پر جڏهن ته اسان جي قديم عالم شاعرن جي شاعري گهڻو ڪري مقصديت واري شاعري هوندي هئي، شعر مان سندن اصل مقصد پنهنجي اخلاقي يا صوفيانه نظرين جي اشاعت هئي، تڏهن اسان جو هي قديم شاعر ابوالحسن ڏاهري به انهيءَ رنگ ۾ رَتل ٿو ڏسجي.

مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جي تصنيفات ته گهڻي هوندي پر اسان کي سندس چار ڪتاب معلوم ٿي سگهيا آهن، جن مان ٻه منظوم آهن ته ٻه نثر ۾ آهن. منظوم ڪتابن

مان هڪُ آهي، "سراج المصلي" هن ۾ ميين ابوالحسن بن عبدالعزيز ٺٽويءَ جي مشهور ڪتاب مقدمة الصلواة يا ابوالحسن جي سنڌي وانگر نماز جا مسائل بيان ڪيا ويا آهن ۽ ٻيو منظوم ڪتاب اٿس "ڪچڪول نامه" هن ۾ علم ڪلام جي ڪن مکيہ مسئلن ۽ تصوف جي چند اصطلاحن جي نهايت سهڻي نموني وضاحت ڪئي وئي آهي. سرسري طور "ڪچڪول نامه" ۾ جن ڳالهين کي بيان ڪيو ويو آهي، سي هي آهن. الله جي ذات، شريعت، طريقت ۽ ٻنهي ۾ فرق، حقيقت جي سمجهاڻي، نور جو بيان، معرفت جي وضاحت، مُجرد، لطيف ۽ ڪثيف جي اپٽار، ناسوت، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جو بيان، نورمحمدي، اعيانِ ثابته، عالم ارواح وغيره.

هن جي فارسي شعر جو ميناج اوهان کي هنن بيتن مان معلوم ٿي سگهندو.

اشعار

بگويد ابوالحسن کاين خوش نميقه ـ نوشتم دُرمعاني بس دقيقه
نهادم نام او کچکول نامه ـ بود کچکول نامه ۔ بهر عامه
هزار و يک صد و هفتاد با شش ـ گذشته اين همه تاريخ خَتمش

هن سان اسان کي ڪچڪول نامه جي تاليف جو سنُ به معلوم ٿئي ٿو جو ١١٧٦هه آهي. مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جي تصنيفن مان ٻيا بہ ڪتاب آهن، ينابيع الحيواة الابدية ۽ ٻيو رفع الفرية، ينابيع تصوف اندر ٽن جلدن ۾ ٿهليل هڪ وڏو ڪتاب آهي، جنهن ۾ تصوف جي اڪيچار مسئلن تي تحقيق

پيش ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب بابت اسان جي ڪن همعصر عالمن، اديبن جي اها راءِ آهي ته هيءُ ڪتاب امام غزاليءَ جي مشهور عالم ڪتاب "ڪيمياءِ سعادت" کان بهتر آهي.

ٻيو ڪتاب رفع الفرية والمرية فقهي رسالو آهي، مخدوم ٽيپٽائي وارن پنهنجي هڪ فقهي تحرير ۾ هن رسالي جو حوالو پيش ڪيو آهي، هن رسالي ۾ مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي جا حوالا پڻ آندا ويا آهن. ان مان معلوم ٿو ٿئي ته ابوالحسن ڏاهري انهن عالمن کان به سنئون سڌو يا سندن تصنيفن مان فائدو ورتو آهي. مخدوم مسعود ڇوٽياري وارن پنهنجي هڪ تحرير ۾ ابوالحسن ڏاهريءَ کي وقت جي عالمن جو امام سڏيو آهي، اهي سڀ تحريرون پير جهنڊي جي علمي لائبريري ۾ موجود آهن. مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي وفات ١١٨١هه ۾ ٿي ۽ دوڙ اسٽيشن جي ويجهو ڏاهرين جا ڳوٺ آهن اتي هڪ قبرستان ۾ اڄ تائين سندس قبر موجود آهي. جا عام خاص ماڻهن جو زيارت گاهه هلندي اچي. انهيءَ قبرستان کي علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جي قبر ڪري سڏين ٿي ميون "اُبُلَ" جو مقام. آخر ۾ اسين واديءَ مهراڻ جي مشهور شاعر عبدالمجيد جوکيه جو اهو مختصر مرثيه پيش ڪيون ٿا، جنهن ۾ هن مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جي وفات تي غم جو اظهار ڪيو آهي ۽ تاريخ وفات به ابجد جي حساب پٽاندر پيش ڪئي اٿس. اسان کي اهي بيت ينابيع جي هڪ قديم نسخي جي آخر ۾ لکيل مليا.

اشعار مرثیه

آه از رحلت جدائی آن نگار
گشت از فوتیش جان و دل فگار

رفت چون ز اینجا بملک دائمی
آسمان بگریست بَروَي از غمی

چونکه او بود معدنِ علم و عمل
هم بود ذاتش پُر اَز حلم کمل

قضیه او شد از مصیبتها عظیم
لیک صبرم بر رضا رب الکریم

ده دو از ماه ربیع الاولین
بود چون شد ارتحال شاهِ دین

هاتف از تاریخ او گفته بمن
جائی جنت اوست که او چون بوالحسن

هست این ابیات از عبدالمجید
حق دهد توفیق بر خیرش مزید

تاثر (١)

محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

علامه حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان

حاجي ابوالحسن ڏاهري رحمة الله عليه ٻارهين صدي هجري جي وڏن عالمن ۽ فاضلن مان هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو همعصر هو، ۽ پنهنجي وقت جو محقق، فقيهه ۽ اهلِ دل صوفي هو. سندس ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية في طريق الطلاب النقشبندية" مشهور آهي ۽ ان کانسواءِ پڻ سندس تصنيفن مان، سراج المصلي، رساله رفع الفرية والمرية ۽ ڪچڪول نامه موجود آهن. اهي تصنيفون سندس علم ۽ فضل ۽ وسيع مطالعي جي ساک ڀرين ٿيون.

"ابوالحسن" جي نالي ۾ ڪو اهڙو فيض هو جو انهيءَ نالي سان سنڌ ۾ ڪم از ڪم پنج وڏا عالم ٿي گذريا آهن: (١) ابوالحسن بکري، جو شيخ علي متقي جو استاد هو؛ (٢) ابوالحسن ڪبير (بن عبدالهادي) ٺٽوي ثم مدني "شارح صحاح سته"؛ (٣) ابوالحسن صغير محدث، جو مديني شريف ۾ "مدرسة الشفاء" ۾ ابوالحسن ڪبير ۽ شيخ محمد حيات بعد جاءِ نشين مدرس ٿيو؛ (۴) مخدوم ابوالحسن ٺٽوي صاحب "مقدمة الصلواة" جو مڪلي تي مدفون ٿيو؛ ۽ (۵) ابوالحسن ڏاهري جو سنڌ ۾ "حاجي ابوالحسن" جي نالي سان مشهور ٿيو.

---

(١) نقلِ از سه ماهي "الرحيم" جلد۴، سال ١٩٦٥ع.

هن مضمون ۾ اسان حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان تي قدري روشني وجهون ٿا، ڇاڪاڻ ته سندس سوانح جو اهو پهلو اجا تائين تحقيق طلب آهي.

"ينابيع" ۾ پاڻ پنهنجو نالو "حاجي ابوالحسن سنڌي نقشبندي قريشي ڏاهري" لکيو اٿس. 'ڏاهري' سمات برادري جي 'اُنڙ' گهراڻي جو هڪ مشهور قبيلو آهي جو سندن وڏي ڏاڏي 'ڏاهر' جي نالي سان مشهور ٿيو. علامه ابوالحسن غالباً پاڻ کي 'قريشي' سنڌ جي سمن جي انهيءَ عام روايت موجب لکيو، جنهن موجب هو پاڻ کي 'عرب نسل' سمجهن ٿا: پڻ ڇيو وڃي ٿو ته سندس والده قريشي خاندان مان هئي ۽ انهيءَ ڪري ڏاڏاڻي طرف کان هو ڏاهري ۽ ناناڻي طرف کان قريشي هو.

علامه ابوالحسنؒ جو گهراڻو ڏاهرين جي "دول ڇَر" شاخ جي "ڏيريجا" پاڙي مان هو. سندن وڏن جو اصل ڳوٺ موجوده تعلقي موري ۾ سن جي ڳوٺ کان ڇهه ميل اوپر طرف "ڪنڊي واري ڪارجاڻي" (١) هو ۽ ابوالحسن پڻ اتي ئي ڄائو نپنو. هڪ روايت موجب سندس ڏاڏي جو نالو عبدالرشيد هو، جنهن کي وفات بعد ڪارجاڻي کان چار - پنج بلاڪ اتر طرف دفن ڪيائون، ۽ اهو قبرستان "عبدالرشيد جي مقام" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن خاندان ۾ علم ۽ فضل جو سلسلو غالباً ميان عبدالرشيد کان شروع ٿيو. کيس ٽي پٽ هئا: ميان بادل، ميان چگل ۽ ميان مهر عالي. ميان بادل به غالباً علم

(١) هن وقت ڪنڊي واري ڪارجاڻي (پراڻي ڪارجاڻي) تعلقه دولتپور ضلعي نوابشاهه جي حدن ۾ واقع آهي. (مترجم)

جو متلاشي هو. خانداني روايت موجب، هو سنڌ ڇڏي ٻاهر ويو ۽ اتي ئي ڪنهن ملڪ ۾ وفات ڪيائين. جيئن ته پوءِ سندس فرزند ابوالحسن سنڌ مان اول ڪانياواڙ طرف ويو، ان مان گمان نڪري ٿو ته شايد ميان بادل پڻ ڪانياواڙ طرف وفات ڪئي.

ابوالحسن جي ابتدائي تعليم غالباً سندس ڳوٺ ۾ ٿي؛ ان بعد کيس هالاڻي ۾ شيخ ابوبڪر جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو جتي هن پنهنجي دستوري تعليم جي تڪميل ڪئي. "ينابيع" ۾ علامه ابوالحسن پنهنجي استاد مرحوم شيخ ابوبڪر هالاڻي واري جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پڻ پنهنجن ٻين استادن مرزا محمد خليل بدخشاني ۽ مولانا نورالدين سورتي (ساڪن سورت بندر) جا نالا آندا آهن، جن ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. خانداني روايت موجب ميان ابوالحسن هالاڻي ٻهلاڻي ۾ پڙهندو هو جو کيس حرمين جو شوق دامنگير ٿيو، ۽ هو هتان روانو ٿي "ڪتانه" جي شهر ۾ پهتو. اتي مسجد ۾ ستو پيو هو جو خواب ۾ نبي پاڪ ﷺ ڏنائين جن جي طرفان ارشاد ٿيس ته مرشد وٺي پوءِ اسان ڏانهن اچ. وري ٻي رات خواب ۾ ارشاد ٿيس ته عبدالرسول نالي هڪ ٻلارو شخص آهي جنهن سان ملي فيض حاصل ڪر. پوءِ درويش عبدالرسول جو مريد ٿيو ۽ ان بعد حرمين شريفين ڏانهن حج لاءِ ويو. مڪي ۽ مديني شريف جي زيارتن بعد مصر پڻ ويو.

"ينابيع" مان هن خانداني روايت جي قدري تصديق ٿئي ٿي، جيئن ته خود لکي ٿو ته: "آءُ ابوالحسن ملڪ سورٺ،

شهر ڪوٽيانه، ۾ هوس - الخ هن وقت اهو شهر "ڪتيانه" سڏجي ٿو، ۽ ڪاٺياواڙ جو هڪ مکيه شهر آهي. ان بعد احمد آباد ويو جتي سندس پنهنجي لکت موجب "واقف رموز اسرار صمديه و ماهر ڪنوز انوار قدسيه قطب الزمان معدن العرفان... عبدالرسول الصديقي احمد آبادي" ڪان نقشبندي سلسلي جي خلافت جو فيض حاصل ڪيائين.

ينابيع ۾ لکيو اٿس ته سندس مرشد درويش عبدالرسول صديقي ٥- ربيع الثاني سنه ١١٤٦هه (١) ۾ وفات ڪئي، جنهن مان ظاهر آهي ته انهيءَ سال ڪان ڪافي عرصو اڳ، ميان ابوالحسن سنڌ ڇڏي هوندي. ڪاٺياواڙ جي شهر ڪتيانه ۾ تعليم خاطر رهيو، ان بعد احمد آباد ۾ رهيو ۽ پڻ سورت ۾ رهيو. حج ڪان اڳ يا حج تان موٽڻ بعد انهن شهرن ۾ وڏيڪ تعليم حاصل ڪيائين. غالباً انهن شهرن مان ئي ڪنهن ۾ مرزا محمد خليل بدخشاني وٽ پڙهيو ۽ شهر سورت ۾ مولانا شيخ نورالدين ڪان تعليم حاصل ڪيائين. 'ينابيع' ۾ انهن ٻنهي عالمن کي 'استاد' ڪري سڏيو اٿس ۽ سندن تصنيفن مان سَنَد طور حوالا نقل ڪيا اٿس. جيئن ته اڳتي ذڪر ايندو.

حاجي ابوالحسن سندس مرشد جي وفات ١١٤٦هه ڪان اڳ سنڌ موٽي آيو ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين، جتي سنه ١١٥٦هه ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية" تصنيف ڪيائين. هيءُ ڪتاب فارسي

---

(١) مخدوم ابوالحسن جي مرشد جي وفات جي صحيح تاريخ ٥- ربيع الثاني ١١٤٨هه آهي. ثبوت جي لاءِ ڏسو ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي جلد ٣، باب ٧، فصل ٣، صفحو ٢٩٤. (مترجم)

۾ لکيل آهي ۽ ان جا قلمي نسخا سنڌ ۾ موجود آهن. سنہ ١١٦٤ھ ۾ نماز جي مسئلن بابت ڪتاب "سراج المصلي" لکيائين. هيءَ سڄو ڪتاب فارسي نظم (مثنوي) ۾ لکيل آهي، ان جي هڪ قلمي نسخي مان ڄاڻايل آهي تہ: "هيءُ ڪتاب تقريباً ڇهہ هزار ٽن سون بيتن" تي مشتمل آهي.(١) سنہ ١١٧٦ھ ۾ مال جي ڏي وٺ ۽ قرض بابت هڪ وضاحتي رسالو "رفع الفرية والمرية بلامين في احڪام العين والدين" لکيائين. هن رسالي جو قلمي نسخو جو بنده وٽ آهي انجي آخر ۾ مصنف جي هڪ خواب جو ذڪر آهي، جنهنجي خاتمي ۾ ڄاڻايل آهي تہ هي ڪتاب ڇنڇر ڏينهن، تاريخ ١٧- ماہ ربيع الثاني ١١٧٦ھ ۾ لکي پورو ڪيائين. ساڳئي سال ۾ علم ڪلام جي مسئلن ۽ تصوف جي اصطلاحن وغيره جي وضاحت ۾ هڪ ٻيو ڪتاب "ڪچڪول نامہ" فارسي نظم (مثنوي) ۾ لکيائين، جو مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب جي مقدمي ۽ تحقيق سان شاهہ ولي الله اڪيڊمي طرفان شايع ٿي چڪو آهي.

مٿين ڪتابن جا سن تصنيف معلوم آهن مگر انهن کان سواءِ هيٺيان بہ ڪتاب پڻ لکيائين، جن جا سال تصنيف معلوم نہ آهن. "نبراس تصارف فارسيه" جنهن جي شروعات هن طرح ڪئي اٿس: "الحمد لله علي کل حال والصلواة والسلام علي سيد ارباب الڪمال و علي آله و صحبه في الغدو والآصال و من تبعهم باحسان علي التوال. اما بعد مي

(١) جناب قاضي فتح الرسول صاحب نظاماڻي هن ڪتاب جي قلمي نسخي مان بنده ڏانهن اقتباس نقل ڪري موڪليا، جن مان اها معلومات حاصل ٿي.

گويد بنده ضعيف نحيف ابوالحسن سندي قرشي داهري نقشبندي عفي الله تعاليٰ عنه و عن والديه واستاذيه كه اين رساله است مسميٰ به "نبراس تصاريف فارسيه" مشتمل بر مقدمه و دو باب و خاتمه ـ باب اول جامع است مرشش قاعده را و باب دوم جامع است مر پنج قاعده را ـ الخ." (١). پيو هڪ رسالو يا ڪتاب "البدعة المرعية للوزن الشرعية" نالي سان تصنيف ڪيائين، جنهن مان هڪ بياض ۾ هيٺيان اشعار نقل ٿيل مليا. ظاهر آهي ته اهو ڪتاب فارسي نظم ۾ تصنيف ڪيائين:

اشعار

مهرِ خاتون هر دو عالم چهار صد مثقال سيم
يڪ صد و شصتِ دگر از روپيه در دل نگار
در نصابِ مهرِ شرعي ده درم بيشڪ شمار
جمله آن دو روپيه باشد دگر اخماس چهار

پنهنجي علم و فضل جي علاوه غالباً علامه ابوالحسن دستوري نصاب موجب طب به پڙهي هئي ۽ عملي طور قدري حڪمت پڻ ڪندو هو، جيئن ته اسان کي سن جي قاضين جي ڪتبخاني جي هڪ قلمي ورق تي "مخدوم حاجي ابوالحسن" جو مجرب نسخه لکيل نظر آيو. (ڏسو هن مضمون جي آخر ۾)

علامه حاجي ابوالحسن ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ سنڌ جي اڪثر عالمن ۽ بزرگن ۽ سندن تصنيفن کان پوريءَ طرح واقف هو. 'ينابيع' ۾ ڪيترن ئي بزرگن جا نالا ائين آندا اٿس جو چڻ بذات خود ڪيس انهن سان آشنائي هئي. "رفع الفرية والمرية"

(١) هن ڪتاب جو قلمي نسخو جناب حڪيم پير معين الدين ڪِنياروي (نوابشاهه) جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان سندس استفسار ۽ مخدوم صاحب جي جواب جو ذکر ڪيو اٿس. يعني تہ مخدوم صاحب سان سندس خط و ڪتابت هئي.

سنڌ ۾ واپس موٽڻ بعد زندگيءَ جو پهريون دور غالباً عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين ۽ ٻيون دور علمي خدمت ۽ تصنيف و تاليف ۾ صرف ڪيائين. سندس ڏهن چاليهن واري رياضت ۾ ٻہ نشان هن وقت تائين معلوم ۽ مشهور آهن. "ڪارجاٽي" وڻ هڪ دڙي تي رياضتون ڪيائين ۽ چون ٿا تہ جيڪڏهن وونئڻ کي 'موراهي' جو مرض لڳندو آهي تہ ان کي دفع ڪرڻ خاطر مقامي طور ماڻهو اچا تائين انهيءَ دڙي جي مٽي وونئڻن ۾ وجهندا آهن. سندس رياضتن جو ٻيو مقام 'گهوڙا ڏهہ' جو تڙ (دوڙ کان اوپر طرف پٽن ۾، تعلقہ نوابشاهہ) هو، جتي گهڻا گهاٽا ٺوڙگ هوندا هئا جن ۾ تڪيو ٺاهي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندو هو. ٻاڳيا ماڻهو اتي اچي ڏوپ ڏيندا هئا ۽ ڏاهرين مان "پربي - جَن" جي پاڙي مان هڪ گهر سندس خدمت ڪندو هو(١).

خانداني روايت موجب سندس مرشد درويش عبدالرسول ڪينس سنڌ وڃڻ لاءِ جڏهن موڪل ڏني هئي تڏهن چيو هئائين تہ منهنجي وفات وقت توکي پيرو ڪرڻو پوندو جو مونکي تڙ تون اچي ڏيارجان. چون ٿا تہ "گهوڙا ڏهہ" تي رياضت ۾ مشغول هو جو ڪيس گهٽو پکهر اچي ويو ۽ چيائين تہ لاشڪ

(١) انهيءَ تڪيي ۽ تڙتي "پربي - جن" جي پاڙي مان هڪ مرداني مائي پوئين "حر تحريڪ ۽ مارشل لا" واري وقت ۾ زنده هئي، جنهن حر مجاهدن جي وڏي خدمت ڪئي.

منهنجو مرشد بيمار آهي: پوءِ احمد آباد روانو ٿيو ۽ سندس مرشد جي وفات ٥- ربيع الثاني ١١٤٦هه کان اڳ اتي وڃي پهتو ۽ کيل وصيت موجب کيس غسل ڏنائين.

مرشد جي وفات بعد جڏهن واپس سنڌ آيو تڏهن ئي غالباً پنهنجي ڪٽنب مان شادي ڪيائين. کيس فقط هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو مرشد جي نالي پويان عبدالرسول رکيائين. زندگيءَ جي آخري دور ۾ علامه ابوالحسن ۽ ٻين وڏن ويهي صلاح ڪئي ته "عبدالرشيد وارو مقام" هيناهين ۾ آهي ۽ ٻڏي وڃي ٿو، انهيءَ ڪري ٻئي هنڌ مقام ڪجي. پوءِ موجوده نوابشاهه ضلعي جي ديهه ٦٩ ۾ هڪ متاهون پَٽ مقرر ڪيائون ۽ چيائون ته وڏن مان جو اڳ فوت ٿئي ان کي انهيءَ پِٽيءَ دفن ڪجي. پهريائين سندس چاچي ميان مهر عالي وفات ڪئي، جنهن کي اتي دفن ڪيائون. ان بعد حاجي ابوالحسن وفات ڪئي ۽ کيس پڻ اتي رکيائون. ان بعد سندس پٽ يا پوٽي سندس تربت مٿان روضو جوڙايو جو اڄا تائين موجود آهي. روضي ۾ الهندي کان اڀرندي ٽي قبرون آهن جن مان پهرين (الهندي طرف واري) علامه حاجي ابوالحسن مرحوم جي ٻي سندس پٽ ميان عبدالرسول جي ۽ ٽين سندس پوٽي ميان محمد پريل جي آهي. علامه ابوالحسن جي وفات بعد هي قبرستان سندس نالي پويان "حاجي ابوالحسن جو مقام" جي نالي سان سڏجڻ لڳو ۽ اڄ تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي.

وفات:

"تاريخ بلوچي" جي مصنف ۽ شاعر عبدالمجيد جوکيي(١) علامہ ابوالحسن جي تاريخ وفات بابت هيٺيون فارسي قطعو لکيو جو ڪتاب "ينابيع" جي ڪن قلمي نسخن (٢) جي آخر ۾ درج ٿيل آهي ۽ جنهن کي جناب فاضل غلام مصطفيٰ قاسمي پڻ پنهنجي مضمون (رسالہ الرحيم، بهار نمبر، ١٩٦٥ع) ۾ نقل ڪيو آهي:

آه از رحلت جدائي آن نگار ـ گشت از فوتيش جان و دل فگار
رفت چون ز اينجا به ملڪِ دائمي ـ آسمان بگريست بروي از غمي
چونکه بود اومعدنِ علم و فضل ـ بوده هم ذاتش پر از حلم و ڪمل
از قضايش شد مصيبتها عظيم،ليڪ صبرم بر رضا رب الڪريم
ده دو از ماهِ ربيع الاولين ـ بود چون شد ارتحالِ شاهِ دين
هاتف از تاريخ او گفته بمن"جاي جنت اوست ڪه او چون بوالحسن"
هست اين ابيات ازعبدالمجيد، حق دهد توفيق پر خيرش مزيد

"ينابيع" جي قلمي نسخن جي آخر ۾ ڏنل قطعن ۾ ("جاي" بدران "جاء" ۽ 'ڪہ' بدران 'ڪ' پڙهي) سال وفات ١١٦٨هہ ڄاڻايو ويو آهي جو صحيح نہ آهي ڇاڪاڻ تہ علامہ ابوالحسن ١١٧٦هہ ۾ حيات هو ۽ ان سال ۾ ڪتاب

(١) عبدالمجيد (تخلص مجيدي) مير فتح علي خان (وفات ١٢١٧هہ / ١٨٠٢ع) جي دور جو شاعر ۽ مؤرخ هو.
(٢) مثلاً پير صاحب جهنڊي جي ڪتبخاني جو، قلمي نسخو جو، ناقص مگر سڀ کان آڳاٽو آهي ۽ هن وقت پير محب الله شاهہ جي تحويل ۾ آهي، ان ۾ هن قطعي جي شروع ۾ هي الفاظ لکيل آهن. "تاريخ وفات مصنف اين ڪتاب بطريق ابيات استخراج بحروف ابجد از عبدالمجيد جوڪهہ" البتہ قطعو جيئن لکيل آهي، ان ۾ غلطيون آهن.

تصنيف ڪيا اٿن. صحيح سال وفات غالباً ۱۱۸۱ھ آهي جو مصرع ”جاي جنتِ اوست که اوچون بوالحسن“ مان نڪري ٿو، حالانڪ انهيءَ پڙهڻي سان وزن ۾ خلل پوي ٿو.

فاضل غلام مصطفىٰ قاسمي پڻ مضمون ۾ هن مصرع جي اها پڙهڻي اختيار ڪري سال ۱۱۸۱ھ متعين ڪيو آهي.

اولاد ۽ عزيز:

هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي ته علامه ابوالحسن جي ڏاڏي عبدالرشيد کي ٽي پٽ هئا: ميان بادل، ميان چگل ۽ ميان مهر عالي. ميان چگل جو اولاد ٻانڌي (ضلع نوابشاھ) جي آسپاس ۽ اوپر طرف سيٺارڪي منٺر تي رهي ٿو. ميان مهر عالي جو اولاد سَنُ ۾ رهي ٿو. ميان بادل کي هڪ فرزند علامہ ابوالحسن ٿيو، جنهن کي هڪ فرزند ميان عبدالرسول ٿيو، جنهن کي هڪ فرزند ميان محمد پريل ۽ هڪ نياڻي مائي مريم ٿي. ميان عبدالرسول جي وقت تائين هي ڪٽنب ”ڪارجاٽي“ ۾ رهيو، ۽ پوءِ ميان محمد پريل لڏي اچي سن ۾ ويٺو. هن وقت سندس پڙپوٽو ميان شاھ محمد(۱) (ولد محمد پريل ولد شاھ محمد ولد محمد پريل) حاجي ابوالحسن واري مقام لڳ رهي ٿو، کيس ٻيا چار پٽ آهن ۽ پنجئي پٽ اولاد وارا آهن.

جيئن ته حاجي ابوالحسن پنهنجي علم و فضل سان گڏ نقشبندي طريقي جو هڪ عابد درويش هو، انهيءَ ڪري سندس اولاد فقيري طرف مائل ٿيو، ۽ علم ۽ فضل کان وڌيڪ

(۱) اهو شاھ محمد بہ فوت ٿي ويو.هن وقت سندس اولاد اتي رهي ٿو.(مترجم)

پيري مريدي جو سلسلو کين مرغوب رهيو. علم جو ورثو ميان مهر عالي جي اولاد کي نصيب ٿيو، جي قاضي سڏجڻ لڳا. ميان مهر عالي کي هڪ پٽ ابوالمعالي نالي ٿيو، جنهن کي هڪ پٽ نعمت الله ٿيو (١) جو عالم، فاضل ۽ حڪيم هو. ميان عبدالرسول جي نياڻي (۽ علامه ابوالحسن جي پوٽي) مائي مريم، قاضي ميان نعمت الله جي گهر ۾ هئي. قاضي نعمت الله کي ٻه فرزند ٿيا، قاضي عبدالڪريم ۽ قاضي عبدالغني. اسان هڪ قلمي نسخي تي قاضي عبدالڪريم جي مهر ڏٺي ۽ ٻيو هڪ قلمي نسخو ڏٺو جو قاضي عبدالغني ١٢٨٢هه ۾ لکايو. قاضي عبدالغني، محمد يعقوب ڪونريجو ۽ خليفو غلام محي الدين سيوهڻ وارو ٽيئي همعصر ۽ پنهنجي وقت جا وڏا حڪيم هئا. قاضي عبدالغني کي ٽي پٽ: قاضي غلام حسين، قاضي غلام رسول ۽ قاضي عبدالڪريم (ستر سال حيات) ٿيا(٢)، جن مان قاضي غلام حسين علم وارو هو. ان بعد هن پيڙهيءَ ۾ پڻ عربي پارسي علم جو سلسلو ختم ٿي ويو.

---

(١) هن قاضين وٽ جيڪو خانداني شجره هو سو ضايع ٿي ويو. البته سندن روايت موجب قاضي نعمت الله مهر عالي جو فرزند هو، مگر اسان قاضي نعمت الله جو هٿ لکيل ڪتاب ڏٺو جنهن ۾ هن پاڻ کي "نعمت الله بن ابي المعالي" لکيو آهي. انهيءَ ڪري پيانجي ٿو ته ابوالمعالي مهر عالي جو فرزند هو. ۽ انهيءَ وڏي قاضي نعمت الله جو پڙپوٽو قاضي نعمت الله بن قاضي غلام رسول هڪ سنجيده ۽ خلق وارو زميندار هو. ڳوٺ سَنُ جو چڱو مڙس هو، سال کن ٿيو جو گذاري ويو. سندس ٽي پٽ حاجي محمد بخش، عبدالغني ۽ غلام رسول حيات آهن ۽ خليق ۽ مهمان نواز آهن.

نوٽ:- حاجي محمد بخش، حاجي عبدالغني ۽ غلام رسول هن وقت ٽئي فوت ٿي چڪا آهن. (مترجم)

(٢) قاضي عبدالڪريم (ثاني) ١٤٠٣هه ۾ وفات ڪري ويو. (مترجم)

علامه ابوالحسن جي ڪتاب "ينابيع" ۾ پڻ تصنيفن مان ظاهر آهي ته هن صاحب علم وٽ ڪتابن جو ڪافي وڏو ذخيرو هو، حالانڪ "ينابيع" ڪي تصنيف ڪندي هن بزرگ شڪايت ڪئي آهي ته آءُ اهڙي ماڳ مقيم آهيان جتي ڪتابن جي ڪمي آهي. علامه مرحوم جي ڪتبخاني جي تلاش ۾ آءُ تاريخ ١٩- سيپٽمبر١٩٦٥ع تي "سَنُ" پهتس(١)، جتي حاجي محمد بخش ۽ سندس پائرن خاطر مرحبا ڪئي ۽ ٻڌايائون ته ڪتاب سندن سوٽ ميان غلام حسين (ولد غلام شاه ولد غلام رسول) وٽ موجود آهن. پوءِ ميان غلام حسين سان ملاقات ٿي جنهن ٻڌايو ته ڪتبخانو گهڻو هو جو وڏي قاضي ميان غلام حسين مرحوم (ولد قاضي عبدالغني) جي وقت تائين سلامت رهيو، پر پوءِ آهستي آهستي ضايع ٿي ويو. جيڪي ذخيرو موجود هو سو ڏيکاريائين جن ۾ هيٺين قلمي ڪتابن جا ورق يا جُز نظر آيا. سالم ڪتاب ڪو ورلي هو:

١- ڪتاب فقه (عربي) جا هڪ ٻه جز، جن ۾ هڪ عنوان "كتاب الصلواة" هن عبارت سان شروع: الوقت الفجر من الصبح المعترض الي طلوع ذكا، فاحتذ بالمعترض عن المستطيل و هو الصبح الكاذب ـ الخ.

٢- عربي (حديث جو؟) ڪتاب جا جُز جنهن ۾ بابن جا عنوان: باب الوعد الفصل الاول ـ باب المفاخرة والعصبية ـ باب الرفق والحياء و حسن الخلق.

٣- تفسير پاره عم فارسي.

---

(١) يعني سَنُ ساوڙي، تعلقه مورو. "نوٽ: هينئر سن ساوڙي تعلقه دولتپور ۾ آهي." (مترجم)

٤- نسخه قرآن حكيم.
٥- اوراق نسخه ديگر از قرآن حكيم.
٦- نسخه في اسماءالامراض و تعريفها.
٧- نسخه در معالجات (فقط پهريان ۾ ورق جن جي مٿان مهر "عبدالكريم"). انهن ورقن مان هڪ تي هي ناقص عبارت جنهن ۾ مخدوم حاجي ابوالحسن جو هڪ مجرب نسخو نقل ڪيل. "...... ازان مرد نموده نما مور گرده سه روز نهاري دارد ـ بعون الله تعالیٰ مرض دفع شود ـ مجرب است ١٢ مخدوم حاجي ابوالحسن."
٨- كتاب طب فارسي و نسخه مفردات نامي (دريک جلد).
٩- طب يوسفي (تصنيف يوسف بن محمد يوسف الطيب) در آخر!
"باتمام رسيد نسخه متبركه شريف المسمیٰ به طب يوسفي از دست فقير نعمت الله بن ابو المعالي قوم داهري بتاريخ هشدم ماه جماد الثاني يوم الاثنين."
١٠- نسخه ناقص ـ در آخر "حسب فرموده مخدوم صاحب ذي شان والامكان مخدوم صاحبي ايم مخدوم ميان عبدالغني تحرير يافت چهارم ماه محرم الحرام سنه ١٢٨٢هـ".
١١- نسخه فرهنگ طبي.
١٢- سنڌي ۾ طب.
١٣- سيف الملوک لطف علي جو (ناقص).

مٿين قلمي نسخن ۽ ورقن مان ٿي سگهي ٿو ته پهريان ۾ علامه حاجي ابوالحسن جي ڪتبخاني جا باقيات صالحات هجن.

تـقـريـظ

محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

عـلامـه ابـوالـحـسـن ڏاهـري

سنڌ جي عـالـمن جي علمي ڪارنامن کي اجاگـر ڪرڻ جي سلسلي ۾ راقم اڳاٽو علامه ابوالحسن ڏاهري جي سوانح ۽ مصنفات تي هڪ مقالو لکيو جيڪو رسالي "الرحيم" (سال ١٩٦٥ع) ۾ شايع ٿيو. علامه موصوف جي مزار جو به پتو لڳايو ويو ۽ مٿان تعمير ٿيل قبي جو به فوٽو ورتو ويو جيڪو مقالي سان گڏ شايع ٿيو.

ان وقت اتي ڪا پهر ڪانه هئيءَ گهٽن کي اها خبر به نه هئي ته اهو مقبرو ڪنهن جو آهي. سنه ١٩٧٠ع ۾ "مُصلِحُ المفتاح" عرف دائري وارن جي سنڌيءَ تي تحقيق ڪندي مقدمي ۾ علامه ابوالحسن ڏاهري جي ڪتاب سراج المصلي (نمازي جو ڏيئو)، تي مختصر طور تي روشني وڌي وئي جيڪو هن نماز جي مسئلن بابت فارسي مثنوي ۾ منظوم ڪيو. ضرورت آهي ته هن برگزيده عالم ۽ پلاري صوفيءَ جي سوانح ۽ تصنيفات تي تفصيلي تحقيق ڪئي وڃي، جنهن جي هاڻي شروعات ٿي چڪي آهي.

صديقي المحترم فاضل محمد ادريس ڏاهريءَ ترغيب ڏني بلڪ اصرار ڪيو ته آءُ ڪجهه لکان. حالانڪ ڪي بنيادي معلومات مون هن کان اڳ مٿين لکڻ ۾ درج ڪيا آهن.

بهرحال هن ترغيب ۽ تاڪيد جي پوئواري ڪندي علامه موصوف بابت ڪجهه وڌيڪ لکجي ٿو.

عجب اتفاق آهي جو سنڌ ۾ جيڪي عالم ابوالحسن جي نالي سان ٿيا سي نالي وارا ٿيا. ابوالحسن جي نالي يا ڪنيي سان چار وڏا عالم ٺٽي جي شهر مان ٿيا، جن مان پهريون ميان ابوالحسن بن عبدالعزيز هو جنهن نماز جي مسئلن تي منظوم سنڌي ۾ پنهنجو ڪتاب لکيو، جيڪو ابوالحسن جي سنڌيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. ٻيو ابوالحسن سندس همعصر ۽ غالباً سندس استاد ملا عثمان جو پٽ هو. ملا عثمان به ڪتاب 'چؤ علمي' ۽ 'ساڍيون ڇهه ويهون فرض جون' سنڌيءَ ۾ منظوم ڪيا، جيڪي پڻ ابوالحسن جي سنڌيءَ وانگر درسي ڪتابن طور پڙهيا ويا. ملا عثمان جي فرزند اهي ڪتاب نقل ڪيا ۽ انهن جي اشاعت ڪئي. سندس ڪتابت ڪيل 'چؤ علميءَ' جو هڪ نسخو محفوظ رهيو آهي، جنهن تي تڪميل ڪتابت جي تاريخ ٢٦ شعبان سنه ١١١٥هه ڏنل آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته ابوالحسن بن ملا عثمان سنه ١١١٥هه تائين حال حيات هو.

ٽيون ابوالحسن، مخدوم ابوالحسن بن عبدالهادي هو، جيڪو مخدوم محمد هاشم جو وڏو معاصر ۽ مخدوم محمد معين جو همعصر هو ۽ جنهن حديث جي صحاح سته ۽ ٻين ڪتابن تي حاشيا لکيا، مديني شريف ۾ هڪ وڏي استاد جي حيثيت ۾ پڙهايائين. چوٿون ابوالحسن ٺٽي جو عالم ۽ شاهه عبداللطيف جي مريد مخدوم محمد صادق نقشبندي جو فرزند

ميان غلام حسين هو، جنهن پڻ مديني شريف ۾ پڙهايو ۽ ابوالحسن صغير جي لقب سان مشهور ٿيو.

بهرحال ٺٽو هڪ وڏو تاريخي شهر ۽ تعليمي مرڪز هو جتي وڏا عالم، فاضل استاد پڙهائي رهيا هئا. انهن درسگاهن مان وڏن لائق شاگردن جو دستاربند عالم ٿيڻ هڪ فطري عمل هو، پر عجب اهو جو وچ سنڌ جي هڪ باراني بلڪ ان وقت جي بياباني علائقي مان جيڪو موجوده شهر نوابشاهه کان گهڻو اتر طرف هو، وڏو جيد عالم ابوالحسن ڏاهري پيدا ٿيو. باراني پٽ ۾ ڀهراڙيءَ جي ماحول ۾ هن اعلىٰ درجي جي مڪتبي تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟ سو معلوم ناهي، پر هو ايتريقدر استعداد وارو ٿيو جو اعلىٰ تعليم لاءِ ڪاٺياواڙ جو ڏوراهون سفر اختيار ڪيائين جتي ڀهريائين شهر ڪُتيانه جي مدرسه ۾ پڙهيو ۽ پوءِ احمد آباد ۽ سورت جي درسگاهن مان فارغ التحصيل ٿيو. علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جي اعلىٰ علمي ۽ تعليمي معيار تي سندس تصنيفات شاهد آهن.

هڪ حوالي موجب هو سن ١١٤٦ھ ۾ سنڌ موٽي آيو، پر ان کان اڳ توڙي پوءِ هن هڪ فاضل استاد جي حيثيت ۾ پڙهايو ۽ پڻ ڪي رسالا تصنيف ڪيا. تعجب آهي جو مير علي شير قانع پنهنجن ڪتابن ۾ علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جو ذڪر خير نه ڪيو، پر باوجود ان جي ائين سمجهڻ صحيح نه ٿيندو ته ڪو سنڌ جا عالم علامه موصوف جي نالي يا سندس تصانيف کان ناواقف يا بي بهره رهيا. مثلاً ان وقت جي ٻن وڏن ڪتبخانن،

ڪتبخاني ولهار ۾ ڪتبخاني چوٽياري ۾ علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جا ڪتاب داخل ٿيا. پاڻ پنهنجي همعصر جناب مخدوم محمد هاشم صاحب سان خط و ڪتابت ڪيائين.

"دائري واري سنڌي" جي لائق مصنف سيد علي محمد شاهه (وفات ١٢٨٧هه) پنهنجي 'بياض سيدي' ۾ علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جو پنهنجو حوالو نقل ڪيو آهي، جيڪو هن 'رفع الفرية والمرية' ۾آندو آهي يعني ته: "مون رجوع المشتري علي البائع بثمن الدابة، بابت علامه محمد هاشم کان فتويٰ پڇي جنهن جو هن جواب باصواب ڏنو."

قد كتب العلامة محمد هاشم فى جواب الاستفتاء الذى كتبه اليه فى حق رواية رجوع المشترى على البائع بثمن الدابة

پوئين دور جي عالمن علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جي ڪتابن مان استفادو پڻ ڪيو آهي ۽ سندس نالو عزت احترام سان آندو آهي جيئن ته:

"الشيخ ابوالحسن الداهري" آڳاٽو سنه١٢٢٦هه ۾ ڪيس هن نالي سان ياد ڪيو ويو:

راقم ڪتبخانه چوٽياري ۾ ڪاتب ڏاتر ڏني بن حاجي محمود بن حاجي عبدالله نتويءَ جو لکيل "رفع الفرية والمرية" جو قلمي نسخو ڏٺو، جنهن جي اختتام تي چاٽايل هو ته، "وقد نسختُ هذه النسخة من خط المصنف بعينه وهو الشيخ ابوالحسن الداهري السندي قدس سره في يوم الاربعاء شهر جمادي الثاني سنه١٢٢٦هه" پير جهندي جي اوائلي وڏي

ڪتبخاني ۾ محفوظ ڪن ڪتابن توڙي بياض سيدي ۾ "الشيخ ابوالحسن" ڪري لکيو ويو آهي.

مخدوم ابوالحسن الداهري کي ڪتبخانه ولهار جي ڪن ڪتابن توڙي جهنڊي جي ڪتبخاني جي ڪن ڪتابن جي عنوانن ۾ سندس نالو احترام سان "مخدوم ابوالحسن" ڪري لکيو ويو آهي ۽ پڻ پوئين ويجهي دور جي عالم مخدوم فضل الله پاٽائي پنهنجي ڪتاب "اصلاح المصلح والمفتاح" ۾ جتي بہ سندس تصنيفن جا نالا ۽ حوالا آندا آهن اتي ڪيس "مخدوم ابوالحسن" ڪري لکيو آهي.

علامہ ابوالحسن الداهري، پير جهنڊي جي پهرين وڏي ڪتبخاني جي فهرست ۾ (نمبرن ٦٢ ۽ ٧٦١ هيٺ) سندس نالو وڏي احترام سان علامه ڪري لکيو ويو، جيئن تہ "سراج المصلي للعلامة ابوالحسن الداهري".

علامه ابوالحسن ڏاهري ڪافي رسالا ۽ ڪتاب تصنيف ڪيا جن سڀني جا نالا اسان تائين نہ پهتا آهن ۽ جن مان ڪي باقي نہ بچيا آهن "وقد اكل عليها الدهر و شرب" تنهن هوندي بہ وڌيڪ تلاش ۽ تحقيق سان شايد سندس ڪي ڪتاب دستياب ٿي سگهن. عام طور تي سندس پنجن تصنيفن جا نالا مشهور آهن. يعني ينابيع، سراج المصلي، رفع القربة والمربة، ڪچڪول نامه ۽ نبراس تصاريف فارسيه. انهن کان سواءِ سندس رسالي "النور" جو نالو معلوم آهي. پير جهنڊي جي وڏي ڪتبخاني جي فهرست ۾ راقم هيٺيان نالا ڏنا جيڪي ٿي سگهي ٿو تہ ينابيع يا ڪچڪول نامه هجن پر امڪان

آهي تہ اهي ڪي پيا رسالا هجن.

فهرست نمبر۳۰۴: رسالہ ابوالحسن الداهري.

فهرست نمبر۸۰۴ ۽ ۷۶۱: رساله في التصوف للشيخ ابي الحسن الداهري السندي

ولهاري ڪتبخاني جي باقي بچيل ورقن ۾ راقم کي علامه ابوالحسن الداهري جي تصنيف "تحفة الفرائض" جا ڪي ورق نظر آيا، بعنوان "تحفة الفرائض تصنيف مخدوم مرحوم ابوالحسن، عفي عنه " (ڪذا) هيءُ ڪتاب ڪاتب "محمد حسن تاريخ پنجم روز جمعہ ماه ۱۱- محرم الحرام سنہ ۱۲۴۹ هجري) تي لکي پورو ڪيو. جيتوڻيڪ نالو فقط ابوالحسن ڪري ڄاڻايل آهي، پر اهو ڪتاب يقيني طور علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جو آهي. ڇاڪاڻ جو ساڳي "سراج المصلي" واري اسلوب ۾ فارسي مثنوي ۾ مرتب ٿيل آهي. ٻيو تہ اهو ڪتاب سنہ ۱۱۵۵هہ ۾ تصنيف ٿيو، جيڪو علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جو زمانو آهي. افسوس جو اڌوهيءَ جي قوت ٿيڻ سببان وڏيڪ متن سلامت نہ رهيو، پر خوش قسمتيءَ سان شروع ۽ آخر واريون سٽون باقي بچي ويون.

شروع:۔ خدا را ست حمد و ثنا بے شمار
رحیم است رحمان پروردگار

آخر:۔ چون گشتند پنجاه و پنج و هزار
ز هجرت نبي سال اندر شمار

شده تم اين نسخهء مختصر،
بخواني بكن عمل اي نامور
ولي چون كني تم اين تهه(؟) را
بخوان فاتحه از برائے خدا

علامه ابوالحسن ڏاهريءَ جا لکيل ڪتاب پري پري تائين پهتا آهن جيئن ته سن ١٢٦٦هه جو ڪتابت ڪيل ينابيع الحيواة الابدية جو هڪ نسخو ڪتبخانه تهران ملي (نمبر ٥٢٨ ف) ۾ موجود آهي.

علامه موصوف جي خاص علمي خدمت جنهن ۾ هو يڪتا آهي، اها آهي جو ٻن خاص موضوعن تي لکيائين، جيڪي ظاهر ۾ ڄڻ هڪٻئي جو ضد هئا. سندس رسالو "رفع الفرية والمرية" دنيوي وهنوار ۽ ڏي وٺ بابت آهي ۽ معاشري جون عملي تقاضائون سنواري ٿو. ٻئي طرف نقشبندي طريقي جي روشنيءَ ۾ تصوف تي سندس معرڪة الآراء ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية في طريق الطلاب النقشبندية" آهي جيڪو دنيا ۽ آخرت واري ابدي زندگي سنواري ٿو. (وكتب هذه السطور الفقير المحتاج الیٰ رحمة ربه، عثمان السندي المعروف باسم نبي بخش بلوچ، اليوم وهو يوم الاثنين ٢٩- محرم الحرام ١٤١٨هه مطابق ٢٦- مئي ١٩٩٧ع.

تقريظ

محترم جناب ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري

مخدوم ابوالحسن ڏاهري

نحمده و نصلي ونسلم علىٰ رسوله الڪريم

اما بعد: مخدوم ابوالحسن ڏاهري سر زمين سنڌ جي ٻارهين صدي هجري جي انهن ناميارن فقيهن ۽ محقق عالمن ۽ بزرگن مان هڪ برک عالم ۽ متصوف بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن تي جيترو به علمي نازُ ڪجي تہ اهو گهٽ آهي، پر افسوس جو سنڌ جي تاريخ نويسن مخدوم ابوالحسن ڏاهري کي تاريخ جي ڪتابن ۾ سندس جائز مقام نہ ڏنو بلڪ مير علي شير قانع جهڙي مؤرخ "تحفة الڪرام" ۾ کيس بالڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو.

حضرت مخدوم ابوالحسن ڏاهري، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد قائم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد حيات سندي عادلپوري رحمهم الله تعاليٰ عليهم اجمعين جو همعصر هو.

حضرت مخدوم ابوالحسن ڏاهري تفسير، حديث، فقه، تصوف، علم عروض ۽ حڪمت جو ڄاڻو هو. اصول حديث ۾ پاڻ ينابيع الحيواة الابدية جي خاتمہ ۾ اصول حديث ۽ ان سان تعلق رکندڙ شين بابت تفصيلي بحث آندو اٿس ۽ حديث

جا ٣٢ قسم بيان ڪيا اٿس. جنهن مان ظاهر آهي ته پاڻ علم حديث جو وڏو ڄاڻو هو ۽ علم تصوف جو اندازو انهيءَ ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ تصوف جي اڪيچار مسئلن جي سهڻي وضاحت ڪئي اٿس. حضرت مخدوم ابوالحسن ڏاهري ايترو ته وڏو عالم باعمل ۽ ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي جو حضرت مخدوم مسعود چوٽياروي (وفات ١٢٧١هه/١٨٥٤ع) هڪ تحرير ۾ لکي ٿو:

"الشيخ ابوالحسن الداهري وهو كالامام الاعظم الفحول في زمانه" (مقدمه ڪچڪول نامه، مطبع شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، ص ٧)

ترجمو: حضرت مخدوم شيخ ابوالحسن ڏاهري پنهنجي وقت جي عالمن جو امام اعظم هو.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي علمي هاڪ ايتري ته هئي جو وڏا وڏا عالم به سندس تحريرن تي عمل ڪندا ۽ ان جي برخلاف فتويٰ ڏيڻ کان ڪيٻائيندا هئا. جيئن مخدوم مسعود چوٽياروي لکي ٿو:

"و ذهب المخدوم محمد التربتراني الیٰ تحقيق الشيخ ابوالحسن الداهري في تحريره" (مقدمه ڪچڪول نامه، ص ٧)

ترجمو: مخدوم محمد ٽيپٽائي به (هن مسئلي ۾) حضرت مخدوم شيخ ابوالحسن ڏاهري جي تحقيق ڏانهن لاڙو ڪيو آهي.

حضرت مخدوم عبدالواحد سيوستاني (وفات١٢٢٤هه/ ١٨٠٩ع) مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي علميت مان متاثر ٿي

سندس ڪتاب سراج المصلي جي هڪ شعر ڪي پنهنجي ڪتاب فتاويٰ واحدي جلد اول، ڪتاب الصلواة وما يكره فيها، ص ١١٠ ۾ حجت طور آندو آهي. ان کانسواءِ سيد علي محمد شاهه دائري وارو بزرگ (وفات ١٢٨٧هه/ ١٨٧٠) پنهنجي ڪتاب "مصلح المفتاح" ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية" جا سڻن جاين تي ۽ سراج المصليءَ جا اٺن جاين تي حوالا آندا آهن، جنهن مان سندس علمي حيثيت جو اندازو ٿئي ٿو. اهڙي طرح مخدوم قاضي عبدالرؤف مورائي (وفات ١٣٠٦ هجري/ ١٨٨٨ع) مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو نالو ادب سان کڻندي لکي ٿو:

"قال الشيخ العالم المحقق والحبر الكامل المدقق العارف بالله الشيخ الحاج ابوالحسن السندي الداهرى فى ينابيع الحيواة الابدية فى طريق الطلاب النقشبندية - الخ"

(الاستدلال القوى لاذلال الحشوى قلمي، ص ٢١)

ترجمو: محقق، پورو عقلمند عالم، اونهن ۽ باريڪ مسئلن کي دليلن سان حل ڪندڙ، خدا جو عارف شيخ حاجي ابوالحسن سنڌي ڏاهري (پنهنجي ڪتاب) ينابيع الحيواة الابدية في طريق الطلاب النقشبندية ۾ فرمائي ٿو."

وري انهيءَ ساڳئي ڪتاب جي صفحي ٣٣ تي مخدوم قاضي عبدالرؤف مورائي مخدوم ابوالحسن ڏاهري لاءِ لکي ٿو:

"قال العالم الرباني والعارف السبحاني الشيخ الحاج ابوالحسن السندي الداهري قدس سره"

ترجمو: رباني عالم ۽ عارف بالله شيخ حاجي ابوالحسن سنڌي ڏاهري قدس سره جن هن طرح فرمايو.

ان کان سواءِ مخدوم محمد عارف سيوستاني (وفات ۱۲۵۸هه/ ۱۸۴۲ع) پنهنجي بياض ۾، مولانا عبدالغفور همايوني (وفات ۱۳۳٦هه/ ۱۹۱۸ع)، فتاوئ همايوني ۾، ۽ مولانا محمدقاسم ڳڙهي ياسيني (وفات ۱۳۴۹هه/ ۱۹۳۱ع)، فتاويٰ قاسميه صفحي ۸۷ باب العشر والخراج ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ڪتاب "رفع الفرية و المرية" جو حوالو آڻي ٻڌايو آهي ته سنڌ جي زمين خراجي آهي ۽ عُشري نه آهي.

ذکره المخدوم محمد عارف السيوستاني فى بياضه من ان الظاهر ان ارض السند والهند خراجية و خراجهاالخمس کما حقق الشيخ المحقق ابوالحسن الداهري فى رسالته المسماة برفع الفرية ـ الخ.

ترجمو:- مخدوم محمد عارف سيوهاڻي پنهنجي بياض ۾ لکيو آهي ته سنڌ ۽ هند جي زمين خراجي آهي ۽ ان جو خراج پنجون حصو آهي. جيئن شيخ محقق ابوالحسن ڏاهري پنهنجي رسالي رفع الفرية ۾ ان مسئلي کي تحقيق سان ثابت ڪيو آهي.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري وڏو شاعر به هو. پاڻ عربيءَ ۾ شاعري ڪئي اٿس، سندس عربي اشعار سراج المصلي جي

شروعات ۾ موجود آهن. ان کانسواءِ فارسيءَ ۾ تمام گهڻي شاعري ڪئي اٿس، جنهن جو ثبوت سراج المصلي فارسي منظوم، ڪچڪول نامه فارسي منظوم ۽ البدعة المرعية للوزن الشرعية آهي. پاڻ سنڌيءَ زبان ۾ به شاعري ڪئي اٿس. هن ڪتاب جي ٻن جاين تي مخدوم ابوالحسن ڏاهري جا سنڌي شعر موجود آهن. ان کان علاوه ڪتاب سراج المصلي فارسي جي منهيات ۾ باب سجود سهو و بيان ڪيفيت آن جي بيان ۾ شعر نمبر ٩۴ جي حاشيي ۾ فقه جو مسئلو بيان ڪندي سنڌي ٻولي ۾ ٻه شعر آندا اٿس.

ان کان سواءِ مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو سنڌي خطبو به ٻڌڻ ۾ آيو آهي جنهن مان ظاهر آهي ته مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ کي عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر و شاعري تي عبور حاصل هو.

مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جو ڪُڙم قبيلو:

مخدوم ابوالحسن اصل ۾ ذات جو ڏاهري آهي. ڏاهرين بابت محققن جا مختلف رايا آهن ته ڏاهري سنڌ جي نِجُ "سماٽ" سان واسطو رکن ٿا يا ٻاهران آيل ڪنهن قبيلي سان سندن ڳانڍاپو آهي.

١- علامه غلام مصطفىٰ قاسمي لکي ٿو:

"ڏاهرين لاءِ پاڻ وٽ جدا جدا روايتون ۽ رايا آهن، پر مشهور ائين آهي ته سنڌ جي قديم حڪمران راجا ڏاهر جو اولاد سمجهيا ويندا آهن، مگر اسان جو هيءَ قديم عالم ۽

شاعر ابوالحسن ڏاهري انهيءَ نسبت کان خوش نظر نٿو اچي چوڻ هو پنهنجي مشهور تصنيف "ينابيع الحيواة الابدية" ۾ پنهنجي نالي پنيان "قرشي داهري" آڻي اهو ٻڌائڻ گهري ٿو ته ڏاهري قريشي عرب آهن.(١)

٢- مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

ڏاهري سمات برادري جي انڙ گهراڻي جو هڪ مشهور قبيلو آهي جو سندن وڏي ڏاڏي "ڏاهر" جي نالي سان مشهور ٿيو. علامه ابوالحسن غالباً پاڻ کي قريشي سنڌ جي سمن جي انهيءَ عام روايت موجب لکيو، جنهن موجب هو پاڻ کي "عرب نسل" سمجهن ٿا. پڻ چيو وڃي ٿو ته: سندس والده قريشي خاندان مان هئي. انهيءَ کري ڏاڏاڻي طرف کان هو ڏاهري ۽ ناناڻي طرف کان قريشي هو.(٢)

ڊاڪٽر بلوچ جي هن راءِ جي تصديق اسانکي تاريخ مظهر شاهجهاني مان ملي ٿي، جنهن ۾ مشهور مؤرخ يوسف ميرڪ بکري لکي ٿو ته، انڙ، جن جون پنج ذاتيون ٿين ٿيون (الف) راهو (ب) ڏاهري (ج) ساند (د) سانريه (ساريا) (هه) کيريا. (تاريخ مظهر شاهجهاني، حصو ٻيو، فصل ٻيو، ص ١٧٦، مطبع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو)

مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجن ڪتابن مان ٻن ڪتابن ۾ پاڻ کي قريشي ڏاهري کري لکيو آهي. ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي ۾ لکي ٿو:

اما بعد مي گويد بنده فقير حقير پر تقصير کمتر از

قطمير متشبث باذيال وُلاة رشاد و مستمد بامداد هداة طريق سداد حاجي الحرمين شريفين زادهما الله تعظيماً و تكريما حاجي ابوالحسن سندي نقشبندي قرشي داهري عفي الله تعالیٰ عنه وعن والديه واستاذيه و مرشديه." (٣)

هن عبارت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم ابوالحسن قريشي ڏاهري آهي ٻئي ڪتاب نبراس تصاريف فارسيه ۾ لکي ٿو:

"اما بعد مي گويد بنده ضعيف نحيف ابوالحسن سندي قرشي داهري نقشبندي عفي الله تعالیٰ عنه و عن والديه واستاذيه." (٤)

هن عبارت مان به معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم ابوالحسن قريشي ڏاهري آهي. مخدوم ڏاهري عليه الرحمة والرضوان پنهنجي مايه، ناز ڪتاب سراج المصلي ۾ فرمائي ٿو:

اشعار

«بگويد كنون داهري بوالحسن ـ كه در ملک سند است اُو را وطن»
چو شد سال هجري تا سال حال ـ هزار و صد و شصت با چار سال
بمنظوم چند از مسائل نماز ـ نوشتم درين نامه باامتياز.» (٥)

ترجمو

١- هاڻي ابوالحسن ڏاهري چوي ٿو، جنهن جو وطن ملڪ سنڌ آهي.
٢- جڏهن هجري سال کان وٺي هن وقت تائين هڪ هزار هڪ سؤ چوهٺ سال ٿيا.
٣- مون نماز جا چند مسئلا نظم جي صورت ۾ هن ڪتاب ۾ لکيا آهن.

هن ڪتاب مان ظاهر آهي تہ پاڻ فقط ڏاهري آهي ۽ قريشي بابت ڪونہ لکيو اٿس.

منهنجي خيال ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهري کي نجِ سماٽ ۾ سمجهي ڪري فقط ڏاهري سڏڻ وڌيڪ درست آهي. ڇو تہ هڪ وقت ۾ قريشي بہ هُجي ۽ ڏاهري بہ هجي اهو صحيح نٿو لڳي. ان ڪانسواءِ ڪتاب سراج المصلي، ينابيع کان بعد ۾ تصنيف ڪيو اٿس جنهن ۾ فقط ڏاهري ڄاڻايو اٿس. باقي نبراس جي تصنيف جو سال معلوم نہ آهي بهرحال ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ اهميت جوڳي آهي، جنهن تي انحصار ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي. ان ڪان سواءِ اها ڳالهہ بہ قابل غور آهي تہ ڏاهري راجا ڏاهر جو اولاد آهن يا ٻئي ڪنهن "ڏاهر" جو اولاد آهن، جنهن ڪري ڏاهري سڏائين ٿا. ان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"ارغون - ترخان جيڪي سنڌ ۾ سمن کان پوءِ حاڪم ٿيا ۽ سمن جي حڪومت وارو دور بہ انهن کي ويجهو هو، تن جي دور جي هڪ عالم، جنهن سنڌ جي نسبنامن بابت پُڇا ڪئي، تنهن جي لکيي موجب ان وقت سمن جا وڏا پنج قبيلا هئا. اُنڙ، ساند، ساريا، ڏاهري ۽ پنجون شايد لاکا.(وڌيڪ حوالو ڏسي پوءِ ٻڌائيندس.) اٽڪاٽائي ۽ لاعلمي سبباں ڪي ماڻهو ڏاهرين يا ڏهرن کي راجا ڏاهر، جو اولاد ٺوڪ ڪري ٿا چون سو غلط آهي." (٦)

هن مان معلوم ٿيو تہ ڏاهري راجا ڏاهر جو اولاد نہ آهن بلڪ سندن ڏاڏو پيو "ڏاهر" آهي، جنهن جو سماٽ سان تعلق

آهي. اهڙي وضاحت مٿي ذڪر ڪيل تاريخ مظهر شاهجهاني جي حوالي مان بہ معلوم ٿئي ٿي.

شجرهٔ نسب:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو گهراڻو دول ڄر/ دور ڄر شاخ جي "ڏيريجا" پاڙي مان هو. سندس ڏاڏي جو نالو عبدالرشيد هو. جنهن کي وفات ڪرڻ کان بعد پراڻي ڪارجاڻي کان اتر طرف ڪجهہ مفاصلي تي دفن ڪيائون ۽ اهو قبرستان اڄ تائين "عبدالرشيد جي مقام" جي نالي سان مشهور آهي.

ميان عبدالرشيد کي ٽي پٽ هئا: ميان بادل، ميان چڱل ۽ ميان مهر عالي (مهر علي). ميان چڱل جو اولاد ٻانڌي جي پرسان سيٺارڪي مائنر ضلع نواب شاهہ ۾ رهي ٿو. ميان مهر عاليءَ (مهر علي) جو اولاد سَنُ ساوڙي تعلقي دولت پور ۾ رهي ٿو، جيڪي هن وقت قاضي سڏجن ٿا. انهيءَ قاضي خاندان مان مولانا قاضي عبدالڪريم ڏاهري وڏو علامہ ٿي گذريو آهي، جيڪو لاولد گذاري ويو ۽ موري جي مشهور عالم دين مولانا قاضي عبدالرؤف(وفات ١٣٠٦هہ/ ١٨٨٨ع) جو شاگرد هو. ساڳئي وقت مولانا قاضي عبدالڪريم ڏاهري جو ڀاءُ قاضي عبدالغني ڏاهري وفات ١٣٢٠هہ/١٩٠٣ع) نالي وارو حڪيم ٿي گذريو آهي. اهڙي طرح حڪيم قاضي عبدالغني ڏاهري جو فرزند مولانا قاضي غلام حسين ڏاهري (وفات ١٣٥٥هہ/١٩٣٦ع) هن علائقي جو هڪ مشهور و معروف عالم دين ٿي گذريو آهي، جيڪو موجوده قاضي غلام حسين ولد مرحوم قاضي غلام شاهہ جو نانو هو. ان

خاندان ۾ ديني علم انهيءَ مرحوم مولانا قاضي غلام حسين تي ختم ٿيو.

ميان بادل کي فقط هڪ فرزند نالي ابوالحسن ڄائو، جيڪو مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي جي نالي سان مشهور ٿيو. مخدوم ابوالحسن ڏاهري کي هڪ فرزند هو، جنهن جو نالو پنهنجي مرشد جي نالي پٺيان عبدالرسول رکيائين. انهي ميان عبدالرسول کي به فقط هڪ پٽ نالي پريل ۽ هڪ نياڻي نالي مريم هئي. هن مائي مريم جو نڪاح قاضي نعمت الله بن ابو المعالي بن مهر عالي سان ٿيو. مخدوم ابوالحسن جي پوٽي ميان محمد پريل کي به فقط هڪ فرزند نالي شاهه محمد (اول) هو. انهيءَ شاهه محمد (اول) کي وري فقط هڪ فرزند نالي محمد پريل (ثاني) ڄائو.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي خاندان جي روايت موجب ميان شاهه محمد (اول) مخدوم ابوالحسن جي درگاهه جي هڪ ڀاريدار ۽ مُجاور خليفي نجم الدين ولد يار محمد ڏاهري کي چيو ته اسان جي خاندان ۾ فقط هڪ هڪ پٽ پيدا ٿئي ٿو، تون درگاهه تي دعا گهر ته آخر ڇا سبب آهي؟

خليفي نجم الدين ڏاهري درگاهه مخدوم ابوالحسن ڏاهري تي مراقبو ڪري دعا گهري، حڪم مليس ته ميان شاهه محمد(اول) کي هڪ فرزند ڄمندو، انکي مٿي تي "ڪانَ" جو نشان هوندو انکي گهڻو اولاد ٿيندو، جنهن مان وڏي ڪيچ ٿيندا.

پوءِ واقعي ائين ٿيو جو ميان شاهه محمد (اول) کي فرزند ڄائو جنهن جي مٿي تي "ڪانَ" جو نشان هو. ان جو

نالو محمد پريل(ثاني) رکيو ويو. ميان محمد پريل (ثاني) کي مخدوم ابوالحسن جي ٻڌايل پيشن گوئي ۽ اشاري موجب پنج پٽ ڄاوا:١- ميان شاه محمد ٢- ميان بادل ٣- ميان عبدالرسول ۴- ميان محمد لائق ٥- ميان محمد اسحاق. هن وقت اهي پنجئي فوت ٿي چڪا آهن ۽ انهن جو اولاد موجود آهي. ميان شاه محمد (ثاني) جو اولاد گادي نشين آهي. ميان شاه محمد(ثاني) ٻه شاديون ڪيون. هڪ گهر واريءَ مان ٻه فرزند: ميان محمد زمان جيڪو تقريباً ١٩٦٠ع ۾ وفات ڪري ويو. ٻيو نياز حسين جيڪو زنده آهي ۽ ٻيءَ گهر واريءَ مان ست فرزند ٿيا: ١-ميان غلام نبي٢- ميان عبدالقادر٣- ميان علي اڪبر۴- ميان محمدزمان ٥-ميان محمد دائود ٦- ميان روشن علي ٧- ميان غلام عباس.

درگاه جو هن وقت انتظام ميان علي اڪبر ۽ ميان محمد دائود جي حوالي آهي.

ولادت:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري سنڌ جي زرخيز ضلع نوابشاه جي تعلقي دولت پور ۾ ڳوٺ سَنُ ساوڙي کان اوپر طرف هڪ ڳوٺ نالي ڪنڊي واري ڪارجاٽي (پراڻي ڪارجاٽي) ۾ تقريباً ١١١٦هه/ ١٧٠۴ع ۾ ڄائو. مخدوم ابوالحسن جي والد جو نالو بادل ۽ ڏاڏي جو نالو عبدالرشيد هو.

تعليم و تربيت:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائي جيئن مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

"ابوالحسن جي ابتدائي تعليم غالباً سندس ڳوٺ ۾ ٿي.(٧)

علامه قاسمي لکي ٿو:

"ناظم علام، علوم مقدماتی را از اعلام بلاد خود آموخته".(٨)

ترجمو: ناظمِ علام (مخدوم ابوالحسن) ابتدائي تعليم پنهنجي شهر جي عالمن کان پرائي.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ تعليم پرائڻ بابت ڪا تصديق سان ثابتي ملي نہ سگهي آهي ڇو تہ مخدوم ڏاهري پڻ استادن جا نالا پنهنجن ڪتابن ۾ آندا آهن پر ڳوٺ واري ڪنهن بہ ابتدائي تعليم ڏيڻ واري استاد جو نالو ذڪر نہ ڪيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ ڪارجاٺي ۾ تعليم پرائڻ محض قياس آرائي تي مبني آهي. سندس استادن جا نالا هن ريت آهن:

1- ابوبڪر هالائي وارو:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري سنڌ جي موجوده نئين ضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي ڪنڊياري جي پرسان هڪ قديم شهر هالاڻي ۾ رهي ڪري رسمي ۽ دستوري تعليم حاصل ڪئي. جيئن مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي مشهور ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي ۾ لکي ٿو:

"هيءُ فقير نالي ابوالحسن هن ڪتاب (ينابيع الحيواة الابدية) جو لکندڙ چوي ٿو تہ جنهن وقت آءٌ

پنهنجي استاد شيخ ابوبڪر هالائيءَ واري وٽ رسمي تعليم حاصل ڪندو هوس ته هڪ ڏينهن مون کان استاد جي قرآن شريف رکڻ وارو رحل ڀڄي پيو ۽ رحل بالڪل ٽورا هوندا هئا. پوءِ مون ان رحل جا ٽڪرا پاڻ ۾ ڳنڍي حجري ۾ رکي ڇڏيا ۽ الله تعاليٰ کان دعا گهريم ته، اي الله! تون قادر آهين جو ڀڳل رحل کي صحيح سالم ڪرين.

جڏهن صبح ٿي ته استاد رحل گهريو ته جيئن قرآن شريف جي تلاوت ڪري. هن حقير (ابوالحسن ڏاهري) دل ۾ سوچيو ته استاد جي آڏو ڪهڙو عذر پيش ڪجي؟ ڪوبه حيلو نه ڏٺم، خيال ڪيم ته رحل استاد جي آڏو حاضر ڪري بهانو ڪجي ته مونکي خبر نه آهي ته رحل ڪنهن ڀڳو آهي؟

پوءِ جڏهن حجري ۾ وڃي ڏٺم ته رحل اصل ۾ جيئن سڄو هو ايئن سلامت پيو آهي. پوءِ اهو رحل ٻاهر ڪڍي استاد جي آڏو آندم ۽ اهو راز ڪنهن سان به نه سليم، ايتريقدر جو پنهنجي استاد کي به نه ٻڌايم." (٩)

انهيءَ استاد شيخ ابوبڪر بابت ٻيو واقعو لکندي مخدوم ابوالحسن ڏاهري لکي ٿو:

"مونکي پنهنجي استاد شيخ ابوبڪر قدس سره، هالائي واري جي هڪڙي ڳالهه ياد آهي، جو پاڻ فرمايائون ته مون مُلا زڪريا چاڪي ويٺل شهر

هالائي کان ٻڌو تہ آءُ هڪ ڏينهن هالائي جي شيخ زبيري جي مسجد ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيو هوس تہ اوچتو مون تي هڪ اهڙي حالت اچي طاري ٿي جو چمڪندڙ بجليءَ وانگر بي اختيار هوا ۾ وٺي اُڏامڻ لڳس ۽ انهيءَ ئي ساعت ۾ هڪ ڪليل ميدان ۾ ماڻهن جي هڪ جماعت ۾ وڃي ڪِرِيُس.

انهن مون کي چيو تہ امام ٿي اسان کي نماز پڙهايو. پوءِ مون امام بنجي انهن کي ٻپهريءَ جي نماز پڙهائي ۽ هو پويان جماعتي ٿي بيٺا. پوءِ مون کي چيائون تہ اسان رجال الغيب آهيون. ماڻهو اسان کي ابدال چوندا آهن. اڄُ اسان مان هڪ ڄڻو وفات ڪري ويو آهي، تنهن ڪري تون جيڪڏهن (ان جي جاءِ تي) اسان سان گڏجي رهندين تہ تولاءِ ڏاڍو چڱو آهي.

مون چيو تہ نديڙا ٻار اٿم. چيائون تہ تنهنجن ٻارن کي خدا تعاليٰ رزق پهچائيندو. مون چيو تہ آءُ توهان سان رهڻ نٿو چاهيان. بس مون رڳو اجا ائين مس چيو تہ پاڻکي انهيءَ ساڳئي(هالائي واري) مسجد ۾ موجود ڏٺم. مُلا زڪريا هن فقير (ابوالحسن ڏاهري) بہ ڏٺو هو، تمام گهڻو نيڪ مرد هو.“ (١٠)

٢- استاد مولانا نورالدين احمد آبادي:

سنڌ جي شهر هالائي ۾ شيخ ابوبڪر وٽ رسمي تعليم پرائڻ کان پوءِ مخدوم ابوالحسن ڏاهري هندوستان جي مختلف

شهرن جهڙوڪ: سورت، ڪوٽيانه، گجرات ۽ احمد اباد ۾ رهي ڪري مولانا نورالدين ۽ مرزا محمد خليل بدخشاني ڪان علم پرايائين. مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي هندوستان ۾ پڙهڻ بابت اسان کي سندس ڪتابن مان معلومات حاصل ٿئي ٿي.

جيئن پاڻ سراج المصلي ۾ فرمائي ٿو:

"گجرات جي علائقي سورت جي ويجهو پٽوچ شهر ۾ ناگورين جي بازار جي پرسان هڪ ولي الله جي قبر جي پاسي ۾ هڪ مٺي پاڻيءَ جو چشمو هو ۽ اهو پاڻي ان ولي الله جي ڪرامت سان ظاهر ٿيو هو، جتان ماڻهو پاڻي پري پيئندا هئا ۽ اهو چشمون مون پنهنجي اکين سان ڏٺو، جنهنجو پاڻي اصلي نه گٽو بلڪ هميشه ساڳي مقدار ۾ رهندو هو." (١١)

ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية ۾ هڪ هنڌ اُويسي طريقي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو.

"آءٌ هن ڪتاب جو ناهيندڙ "ابوالحسن" خدا جو قسم کڻي چوان ٿو ته مون هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو ملڪ سورت جي ڪوٽيانه شهر ۾ آيو هو ۽ سنڌ جو وينل هو. حرمين شريفين جو پانڌيئڙو بڻجي ڪجهه ڏينهن اچي ڪوٽيانه ۾ رهيو.

هڪ رات حقير يعني ابوالحسن کي فرمائڻ لڳو ته جي توکي راز ساندڻ جي سگهه هجي ته، توسان هڪ راز سلڻ گهران ٿو. مون هائو ڪئي. پوءِ هن چيو ته مونکي ڪيترن ئي سالن کان وني ڪامل

مرشد جي ديدار جو شوق هو. هڪ ڀيري ديدار جو شوق زياده ٿيو ۽ بيقرار ٿيس. ماڻهن جي محبت ۽ ملاقات کان منهن موڙيم. منهنجي ننڊ ۽ کائڻ پيئڻ زهر ٿي ويو. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تـي درود شريف گهڻو پڙهڻ لڳس، ايتريقدر جو سڀ ڪجهه انهيءَ درود شريف کي سمجهڻ لڳس ۽ منهنجي دل جي وندر درود ٿي پيو. پوءِ مون حضرت محمد ﷺ کي ظاهري صـورت ۾ ڏٺـو. پاڻ سڳورن مـون کي نقشبندي طريقي مطابق ذڪر جي تلقين فرمائي. پوءِ هاڻي جڏهن به ڪنهن مـقام کي مـستحڪم ڪري برابر ڪيـان ٿـو ۽ ان کـان اڳتي وڌڻ چاهيـان ٿـو ته درود شـريف گـهڻـو پڙهان ٿو. ائين ڪرڻ سـان پاڻ سڳوراﷺ اصلي ظاهري صورت ۾ مون وٽ تشريف فـرما ٿين ٿا ۽ اڳتي بئي مـقام جو ذڪر ٻڌائين ٿـا. اهڙي نموني سان مون ڪافي مقامات طئي ڪيا آهن ۽ اجان به انهيءَ سعادت ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو. پوءِ مون ان شخص جي راز کي مخفي رکيو ۽ وعدو پورو ڪيم. مون کي ان شخص جي نالي، قبيلي ۽ ڳوٺ جي خبر آهي. مون ٻڌو آهي ته حرمين شريفين جي زيارت ڪرڻ کان پوءِ موٽي آيو ۽ يمن جي مُلڪ ڏانهن هليو ويو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين." (١٢)

مٿين عبارتن ۽ حوالن مان اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته مخدوم ابوالحسن ڏاهري هندوستان ۾ رهي ڪري علم پرايو

آهي ۽ هندوستان جي استادن مان سندس هڪ استاد مولانا نورالدين محمد، احمد آبادي (متوفيٰ ١١٥٥هـ) آهي جنهنجو نالو "ينابيع الحيواة" ۾ آندو اٿس.

٣- استاد مولانا مرزا محمد خليل بدخشاني (وفات ١١٥٥هـ).

مخدوم ابوالحسن ڏاهري هندوستان ۾ هن استاد وٽ تعليم پرائي آهي، جنهنڪري "ينابيع الحيواة" ۾ ڪيس استاد ڪري لکيو اٿس. جيئن هڪ هنڌ لکي ٿو:

واستاذی مرزا محمد خليل در احکام عاشورا بدان نص کرده جواب اين اشکال فرموده اند.(١٣)

ترجمو: ۽ منهنجي استاد مرزا محمد خليل (بدخشاني) پنهنجي ڪتاب "احکامِ عاشوراء" ۾ انهيءَ مسئلي بابت چٽيءَ طرح لکيو آهي ۽ هن سوال جو جواب ڏنو اٿن.

هنن ٽن استادن کان سواءِ ٻين عالمن سان هندستان، سنڌ ۽ مديني شريف ۾ سندس ملاقاتون ٿيون آهن، جنهنجو ثبوت سندس ڪتاب سراج المصلي فارسي ۾ موجود آهي، جنهن ۾ پاڻ قبلي جو بيان آڻيندي لکي ٿو:

اشعار

شنيدم ز علماء گجراتيان ـ که از اهل هيئت بود اين زمان

که بر خط مکه مقابل بآن ـ بود شهر کهنبهات اي نوجوان

بود شهر کهنبهات مشهور تر ـ بنزديک سورت شنو اين خبر.ء(١٤)

ترجمو

ترجمو

١- مون گجرات جي عالمن کان ٻڌو آهي، جيڪي هن زماني جي اهل هيئت مان آهن.

٢- اي جوان! مڪي شريف جي خط ۽ ليڪي جي سامهون ڪنيات شهر آهي.

٣- ڪنيات مشهور شهر آهي جيڪو سورت جي ويجهو آهي.

سنڌ ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سندس همعصر هو. ان سان روبرو ملاقاتون ڪيائين. جيئن سراج المصليءَ ۾ احتلام جي مسئلن جو ذڪر آئيندي لکي ٿو:

شعر

«ولی گفت مخدوم هاشم مرا ـ که در شرح منیه بکرده خطا.»(١٥)

ترجمو

۾ مون کي مخدوم محمد هاشم (ٺٽوي) چيو ته (هن مسئلي ۾) شرح منيه واري خطا ڪئي آهي.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري سال ١١٤٣هـ/ ١٧٣١ع ۾ پنهنجي استاد مولانا نورالدين محمد، احمدآباديءَ سان گڏ حج تي ويو. اهڙي تصديق سندس ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية مان معلوم ٿئي ٿي.

"و مولانا شیخ نورالدین محمد ادام الله فیوضه چون از زیارت حرمین شریفین مراجعت نمودند رسائل چند از بندر جده خرید کردند وازان اکثر رسائل درین علم بودند از تصانیف ابن عربی قدس سره پس

مى فرمودند."

(ينابيع، جلد١، باب١، فصل٢١، ص ٢٦٩)

هن فارسي عبارت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي استاد مولانا نورالدين احمد آبادي سان گڏ حج تي ويو هو. هن عبارت ۾ سال لکيل نه آهي، پر "نزهة الخواطر" ۾ مولانا نورالدين جي تذڪري ۾ لکيل آهي ته مولانا نورالدين احمد آبادي ١١٤٣هه ۾ حج تي ويو هو. ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مخدوم ابوالحسن به ان ئي سال حج تي ويو هو.

اتي سنڌ جي مشهور و معروف محدث علامه محمد حيات "چاچڙ" سنڌي ثم مدني سان روبرو ملاقات ڪيائين. ان بابت سراج المصلي ۾ لکي ٿو:

اشعـــار

«دگر وضع ايدى بود زير ناف ـ نهد هر دو بر صدر زن بي خلاف
و ليكن شنيدم ز بعضي ثقات ـ كه نامش ببوده محمد حيات
ميانِ مدينه بگفت اين كلام ـ چو ارسال منسوخ گشته تمام
شده وضع سنت مع الاتفاق ـ مگر نزد مالكشنو بي نفاق.»(١٦)

ترجمو

١- ٻيو ٻئي هٿ (نماز ۾) مرد ڌن جي هيٺان ٻڌي ۽ زال ٻئي هٿ سيني تي رکي.

٢- ۾ مون هڪ معتبر شخص کان ٻڌو، جنهنجو نالو محمد حيات آهي.

٣- اها ڳالهہ مديني شريف ۾ چيائين تہ (نماز ۾) هٿ ڇڏي ڏيڻ (لڙڪائڻ) وارو حڪم منسوخ آهي.

۴- هٿ ٻڌڻ اتفاق سان نماز ۾ سنت آهي، پر امام مالڪ وٽ ائين نہ آهي.

انهيءَ ساڳئي ڪتاب سراج المصلي فارسي قلمي ۾ اڳتي ١٥ بيتن کان پوءِ لکي ٿو:

اشعار

شنيدم ز فاضل مدينه هُمام ـ که او را محمد حيات است نام
که الصاق کعبين مکروه دان ـ که بدعت قبيحه بود بی گمان
بود کار بدعت بلا فائده ـ نه الصاق کعبين ثابت شده
حديثی نديدم که ثابت کند ـ نه قولِی از صحابه بيامد سند.«(١٧)

ترجمو

١- مون مديني جي هڪ وڏي عالم کان ٻڌو، جنهن جو نالو محمد حيات آهي.

٢- نماز ۾ پيرن جا ٻئي ڳريا ملائڻ مڪروه ڄاڻ، اها بيشڪ خراب بدعت آهي.

٣- بدعت وارو ڪم بيفائدو آهي ۽ پيرن جا ٻئي ڳريا گڏ ملائڻ ثابت ٿيل نہ آهن.

۴- مون ڪابہ اهڙي حديث نہ ڏٺي آهي جيڪا ثابت ڪري، نہ وري اصحابن جو قول آيو آهي.

ان کان سواءِ مخدوم محمد قائم ٺٽويءَ سان بہ سندس خط و ڪتابت هئي، جنهن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب رفع الفرية والمرية عربی قلمي، م ـ آنده اٿس..(١٨)

بيعت و خلافت:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي مايهء ناز تصنيف ينابيع الحيواة الابدية ۾ ڪتاب جي خطبي کان پوء ابتدا ۾ پنهنجي نالي جي پٺيان استادن ۽ مرشدن بابت هن طرح لکي ٿو:

حاجي ابوالحسن سندهي نقشبندي قرشي داهري عفي الله تعالىٰ عنهُ وعن والديه واستاذيه و مرشديه". (١٩)

ترجمو: حاجي ابوالحسن سنڌي، نقشبندي، قريشي، ڏاهري، شال الله تعالىٰ کيس، سندس والدين، استادن ۽ مرشدن کي معاف فرمائي.

هن عبارت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم حاجي ابوالحسن ڏاهري جا استاد ٻه گهڻا آهن ته مرشد ٻه گهڻا آهن، ٿي سگهي ٿو ته نقشبندي سلسلي کانسواء ڪنهن ٻئي سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي بزرگ جو ٻه دست بيعت ٿيو هجي. ۾ پنهنجي ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية ۾ پنهنجي مرشد جو نالو شيخ عبدالرسول صديقي احمد.آبادي نقشبندي ڄاڻايو اٿس ۽ پنهنجي مرشد جي وفات جي باري ۾ هن طرح لکيو اٿس.

"بدانکه مرشد من وحيد عصره و فريد دهره بودند و تاريخ رحلت ايشان از دارالفناء بدارالبقاء بپنجم ماه ربيع الثانى از سال چهل و هشتم بعد از يک هزار و يک صد هجريه واين مجموع از لفظ منبع ذکرالله" بحساب جُمل برمى آيد و منبع ذکر

الله بحساب جُمل یک هزار و یک صد و چهل و هشت می شود و در حقیقت هم منبع ذکر الله بودند"(٢٠)

ترجمو

"ڄاڻ گهرجي تہ منهنجا مرشد پنهنجي زماني جا بي مثال بزرگ هئا. سندن وفات جي تاريخ ٥ ماه ربيع الثاني ١١٤٨ هجري آهي ۽ اهو وفات جو عدد لفظ "منبع ذکر الله" مان جُمل ۽ ابجد جي حساب سان ظاهر ٿئي ٿو ۽ لفظ "منبع ذکر الله" جو عدد ابجد جي حساب سان هڪ هزار هڪ سؤ اٺيتاليهہ ٿئي ٿو ۽ حقيقت ۾ منهنجا مرشد الله تعالىٰ جي ذڪر جا سرچشمہ هئا."

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي مرشدن جو سلسلو ٢٦ واسطن سان حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جن سان ملي ٿو، جنهن جو ثبوت خلافت جي سند ۾ موجود آهي، جيڪا ڪيس سندس مرشد شيخ عبدالرسول صديقي طرفان ملي هئي، اها خلافت جي سند نقشبندي سلسلي ۾ ڪيس مرشد جي طرفان عطا ٿي، جيڪا هن ريت آهي.

خلافت جي سَنَدَ:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي ۾ خلافت جي سند جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

پس این شجره مرشد من در سلسله خلافت این فقیر را نوشته عنایت فرموده باین عبارت:

الحمدُ لِلله على كلِّ حال والصلواة والسلام على رسوله محمد صاحب الكمال وعلى آله واصحابه ارباب النوال. اما بعد فيقول العبد الراجى الى الله تعالى الفقير عبدالرسول الصديقى احمد آبادى قد البستُ الخرقة الفقيرية الاخ فى الدين ابا الحسن السندى جعله الله من الصالحين الصادقين المخلصين وَآنا لَبِستُها من يد الشاه فتح الله قدس سره وهو لبسها من يد محمد المعصوم قدس سره وهو لبسها من يد مجدد الالف ثاني الشيخ احمد السرهندى وهو لبسها من يد الشيخ محمد الباقى وهو لبسها من يد الشيخ الامكنكى وهو لبسها من يد الشيخ درويش ولي وهو لبسها من يد الشيخ الزاهد وهو لبسها من يد الشيخ عبيدالله الاحرار وهو لبسها من يد الشيخ الچرخى وهو لبسها من يد الشيخ الرحمانى والقطب الربانى بهاؤالحق والشرع والدين محمد النقشبند البخارى وهو لبسها من يد الشيخ الامير الكلال وهو لبسها من يد الشيخ محمد السماسى وهو لبسها من يد الشيخ على راميتنى وهو لبسها من يد الشيخ محمود انجير فغنوى وهو لبسها من يد الشيخ العارف ريوكرى وهو لبسها من يد الشيخ عبدالخالق الغجدواني وهو لبسها من يد الشيخ ابى يوسف الهمدانى وهو لبسها من يد الشيخ ابي على الفارمدى وهو لبسها من يد الشيخ ابي الحسن

الخرقانی وهو لبسها من يدالشيخ سلطان العارفين وهو لبسها من يد الامام جعفر الصادق وهو لبسها من يد الشيخ القاسم وهو لبسها من يد الشيخ سلمان الفارسی وهو لبسها من يد الشيخ خليفة رسول الله صلی الله تعالی عليه وعلی آله وصحبه وسلم ابيبکر الصديق وهو لبسها من يد خاتم النبيين و سيد المُرسلين و شفيع المذنبين صلی اللهُ تعالی عليه و علی آله وصحبه وسلم.(٢١)

عبادت و رياضت:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري هندوستان ۾ تعليم پرائڻ ۽ پنهنجي استاد مولانا نورالدين احمدآبادي سان گڏ حرمين شريفين ۾ حج جي ادائگيءَ (سال ١١٤٣هه/ ١٧٣١ع) کان پوءِ واپس پنهنجي وطن سنڌ ۾ موٽي آيو. پاڻ سنڌ ۾ رهي ڪري رياضت دوران ڏها ۽ چاليها پڻ ڪڍيائين، جنهن جا پڻ نشان مشهور و معروف آهن.

١- ڪارجاٽي وٽ هڪ دڙي تي رياضت ڪيائين. ان دڙي بابت چون ٿا ته جڏهن وونئڻ کي موُراهي جو مَرض لڳندو آهي ته ان مرض کي ختم ڪرڻ خاطر ماڻهو انهيءَ دڙي جي مِٽي وونئڻ ۾ وجهندا آهن ته انهيءَ مٽيءَ جي برڪت جي ڪري اهو مرض لهي ويندو آهي.

٢- مخدوم ڏاهري عليه الرحمة جي رياضت جو ٻيو نشان دوڙ شهر کان اوير طرف تعلقي نوابشاهه ۾ پٽن ۾ "گهوڙا ڏهه

جو تڙ" آهي، جتي گهڻا ۽ ڪهاڻا ڦوڳ هوندا هئا، جن ۾ تڪيو ٺاهي عبادت ۾ مشغول رهندو هو. پاڳيا ماٺهو اتي اچي ڏوپ ڏيندا هئا. انهيءَ تـڙ تي عـبـادت ڪرڻ دوران، ڏاهرين مـان "پريي جن" جي پاڙي مـان هڪ گهـر سندس خدمت ڪندو هو. انهيءَ پاڙي مان هڪ مرداني مائي پوئين "حر تحريڪ" ۽ مارشل لا (سـال ۱۹۴۲ع) واري وقت ۾ زنده هئي، جنهن حر مجاهدن جي وڏي خدمت ڪئي.

درس و تـدريس:

مـخدوم ڏاهري جي درس ڏيڻ ۽ سندن شـاگـردن جي باري ۾ ڪا به معلومات اجان صحيح طرح سان ملي نه سگهي آهي نه وري سندس مريدن ۽ خليفن بابت ڪا ڳالهه معلوم ٿي سگهي آهي. البته سندس خاندان جي روايت مـوجب مـخدوم ابوالحسن ڏاهري جا ڪيـترائي خليـفـا ۽ مريد هندوستـان ۾ مـوجود هـئـا. هن وقت تعلقي نوابشـاهـ ۾ سٺ مـيل ۽ ٻانڍيءَ کان هيٺ ٽڙ جي عـلائقي ۾ ڪـافـي تعداد ۾ مخدوم صـاحب جا مـريد مـوجوڏ آهن، جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿـو ته انهن عـلائقن کـان اڳتي هندوسـتـان ۾ به سندس مـريد، خليفا ۽ شاگرد ضرور مـوجود هوندا، پر اهو پهلو اجان تحقيق طلب آهي.

تصنيفات:

مـخدوم ابوالحـسن ڏاهـري جي تصنيـفـات ته گـهـڻي هوندي، پر هن وقت تائين منهنجي مـعلومـات ۾ آيل ڪتـاب

هيٺين ريت آهن:

1- تفسير آيت سوره نور:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري سورة نور جي آيت ڪريمه "الله نورالسمٰوات والارض" جي تفسير ۾ مستقل رسالو لکيو آهي، جنهن ۾ "نور" جو بيان حقيقت ۽ مجاز جي لحاظ کان بيان ڪيو اٿس، جيئن هن موجوده "رساله نور" ۾ "نور اسم اعظم آهي" جي عنوان ۾ لکيل آهي ته: "و شرح نور از روء حقيقت و مجاز در رساله تفسير آيت ڪريمه الله نور السموات ولارض بايد ديد" ان عبارت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم ابوالحسن ان آيت جي تفسير ۾ هڪ مستقل رسالو لکيو آهي.

٢- ينابيع الحيواة الابدية في طريق الطلابِ النقشبندية:

هيءُ ڪتاب فارسي ٻولي ۾ تصوف جي موضوع تي هڪ عظيم شاهڪار آهي. هيءُ ڪتاب سن١١٥٦هجري ۾ مصنف لکي پورو ڪيو هو. هن ڪتاب بابت علامه غلام مصطفيٰ قاسمي لکيو آهي ته:

> "اسان جي ڪن همعصر عالمن، اديبن جي اها راءِ آهي ته، هيءُ ڪتاب امام غزاليءَ جي مشهور عالم ڪتاب ڪيميائي سعادت کان بهتر آهي." (٢٢)

هن ڪتاب جي اهميت کي ڏسندي سنڌي ادبي بورڊ هن ڪتاب جي ترتيب جو ڪم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي حوالي ڪيو جيئن رسالي مهراڻ سوانح نمبر ١٩٥٧ع ۾ آهي.

"ابوالحسن ڏاهري جي اسلامي تصوف بابت فارسي تصنيف 'ينابيع الحيواة الابدية' جي ترتيب جو ڪم پڻ ڊاڪٽر صاحب جي سپرد ڪيو ويو آهي، جو نهايت ئي دماغ سوز ۽ محنت طلب آهي. اهو ڪم هن کان اڳ پروفيسر خسرو جي سپرد ڪيو ويو هو، پر هو ان ڪم کي نباهڻ جي سلسلي ۾ ناڪام ٿيو ۽ واپس موٽائي ڏنائين." (٢٣)

ان کان سواءِ هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو، جو هن ڪتاب جي ابتدائي ڪجهه حصي کي فارسي ۾ ايڊٽ ڪري ڊاڪٽر ابوالفتح محمد صغيرالدين (سابق چيئرمين شعبہ اسلامڪ ڪلچر سنڌ يونيورسٽي) سال ١٩٧١ع ۾ ڊاڪٽر عبدالواحد - جي - هاليپوٽي جي نگرانيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ - ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

هن ڪتاب جي شروعات هن طرح آهي:

بهترين سخنيکه عندليبان چمن انوارِ طريقت بدان ترنم نمايند و خوش ترين کلاميکه بلبلان گلشن اسرار حقيقت بآن نغم آرائي کشايند الخ.

ڪتاب جي پڇاڙي هن طرح آهي:

وقد وقع الفراغ والاختتام و حصل الاتمام والانصرام بفضل الله العظيم من تاليف هذا الكتاب المستطاب المسمى ينابيع الحيواة الابدية فى طريق الطلاب النقشبندية فى السنة السادسة بعد

الخمسين والماة والالف الهجرية و يخرج هذا التاريخ بحساب الجمل من هذا المصراع:

م ـ كتابم همه داد خوبی بداده

٤٦٣ ٥٠ ٩ ٦١٨ ١٦ = ١١٥٦ هجري

٣ـ سراج المصلي فارسي قلمي:

هيءُ ڪتاب فارسي ٻوليءَ ۾، نظم جي صورت ۾، فقه حنفي مطابق نماز جي مسئلن بابت مصنف سال ١١٦٣ هجري ۾ لکيو. پوءِ وري نظرثاني ڪري شعرن ۾ ڪجهہ تبديلي آڻي سال ١١٦٤ هجري ۾ لکي پورو ڪيائين. هن ڪتاب ۾ ڪل ٦٣٩٨ بيت آهن. راقم هن ڪتاب تي ريسرچ ڪري علامه غلام مصطفیٰ قاسمي جي نگراني ۾ سال ١٩٩٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پي ايچ ـ ڊي ڪئي آهي. هن ڪتاب جي شروعات هن طرح آهي:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

رب يسر و تمم بالخير و به نستعين

اَللّٰهُمّ لاسهل الا ما جعلته سهلا ربنا اتمم لنا نورنا واشرح به صدورنا ويسرلنا امورنا و نعوذبك من شرورنا و فجورنا و سيئات اعمالنا.

حمد باری تعالی

لك الحمد والحمد مثمر رضاك ـ ولا حمد اصلا لمن هو سواك

وبالحمد لك حين الهمتنا ـ راينابه لك جميع الثناء،

هنن ۾ عربي شعرن کان پوءِ پيا ٻه ١٣ شعر حمد بابت عربي ٻوليءَ ۾ آهن. ان کان پوءِ فارسي ٻوليءَ ۾ حمد بابت ٤٤ شعر بيان ڪيا اٿس.

بِنامِ خداوند هر دو سرا ـ درين نامه جاری کنم خامه را
نخستين ثناء خدا بهتر است ـ همه ذکرها بي ثنا ابتر است
همه حمد کان در ازل رو نمود ـ بدان حمد خود را بخود می ستود
دگر حمد حادث بليل و نهار ـ همه هست راجع بپروردگار.

ڪتاب جي پڇاڙي هن طرح آهي:

چو بر بوالحسن کرد احسان تام ـ بکرده سراج المصلی تمام
بفضلِ عظيمش شده کامياب ـ باحسانه المحض تَمّ الکتاب
باعزاز حق خاتمه خير شد ـ چو تاريخ ختمش همه خير شد

١١٦٤هـ

٤ـ ڪچڪول نامه فارسي:

هي ڪتاب منظوم فارسي ٻوليءَ ۾ تصوف جي موضوع تي آهي، جيڪو مصنف سال ١١٧٦هـ ۾ لکيو. هيءُ ڪتاب علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي فارسي مقدمه ۽ تحقيق سان شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ طرفان ٻه ڀيرا شايع ٿي چڪو آهي، پر افسوس جو اهو ڇپيل نسخو ناقص الاول آهي، جنهن ۾ ڪتاب جو خطبو ۽ ابتدائي ست بيت موجود نه آهن. راقم الحروف وٽ قلمي نسخو موجود آهي، ان ۾ اهو خطبو ۽ ست بيت موجود آهن، تنهن ڪري اسان ان قلمي نسخي جي لحاظ کان ڪتاب جي شروعات ڪيون ٿا.

بسم اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

اللهم يا من هُوَ اَقرَبُ اِلَينا مِن حبل الوريد اَرِنَا حقيقة قربكَ مِنا كما هو عندك وارزقنا حلاوة حضورك في قلوبنا بعد ما اعطيتنا كماله بكرمك مع محبتك المُنتجة غير العقيمة بحرمة حبيبك الذى علمته دقائِق حقائق محبتك صلى الله عليه وسلم اللهم يا مُقَلب القلوب ثبت قلوبنا على دينك و شريعة حبيبك المصطفى صلى اللهُ عليه وسلم اللهم لاَسهل الا ما جعلته سهلا ربنا يسرلنا امورنا ربنا اتمم لنا نورنا واشرح به صدورنا لدقائق المعارف الالٰهية والحقائق الكيانة المفيدة فى الامور الدينية اللهم اهدنا الصراط المستقيم صراط الذين انعمت. عليهم غيرالمغضوب عليهم ولاالضالين آمين يا رب العالمين.

بسم اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

١- بنام آنكه نامش است اللهُ ـ دلم را او بنامش كرد آگاه

٢- هزاران نامهايش هست پنهان ـ همه در ضمن الله است پنهان

٣- نود نه نامهايش بى خفاگير ـ بباشد در احاديث مشاهير

٤-دگر هم نامهايش يک هزاراست ـ كه دردل خاصگانش يادگار است

٥- بقولى سه هزاران نام حق را است ـ كه برخيرالبشر خاصه هويدا است

٦- بواقى نامهايش بى نهايت ـ همه پوشيده پنهان از درايت

٧- نداند غير حق زانها يكى را ـ ولى برحق بباشد آشكارا

٨- كسى الله گفته كام بُرده ـ بجمله نامهايش ياد كرده

ڪتاب جي پڇاڙي هن طرح آهي:

بچیدم از کتب باقی بخامه ـ ازین پر گشت این کچکول نامه
بفضل الله این کچکول اسرار ـ بشد ابریز از اسرار بسیار
شده ختمش بفضل الله افضل ـ الاهي کن نصیبم راه افضل
صواب حق نداند غیر مولی ـ نه هادی کس بود جُز حق تعالی

٥- رَفع الفرية والمرية بلامين عن احكام العين والدين:

هي ڪتاب عربي ٻولي ۾ فقه حنفي مطابق، واپار ۽ قرض جي ڏي وٺ بابت سوال ۽ جواب جي صورت ۾ ۴۴ سوالن ۽ جوابن تي مشتمل آهي. مصنف ابوالحسن ڏاهري ڪتاب پورو ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ علحده هڪ خواب ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته هيءُ ڪتاب ڇنڇر جي ڏينهن تاريخ ١٧- ماه ربيع الشاني سنه ١١٧٦ هجري ۾ لکجي پورو ٿيو.

هن ڪتاب جي شروعات هن طرح آهي:

بسم اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

الحمد لله الملهم للسداد والمنعم على العباد بدقائق العلم بالاجتهاد والصلواة والسلام على سيدالمرسلين فى المبداء والمعاد وعلى أله الامجادِ هداة سبيل الرشاد بالارشاد وعلى اصحابه الذين هم لخيام الدين كالاوتاد واحبابه الذين فى امور الشريعة عليهم الاعتماد. اما بعد فيقول المفتقر الى رحمة الله ذي المِنَ ابوالحسن عفى

الله تعالى عنه بمحض فضله فى كل زمن و حفظه عن التعنت والتعصب والعناد والفساد والفتن.

هن ڪتاب جي پڇاڙي هن طرح آهي:

واختلفوا فى شرط الضمان بالهلاك على الامين هل يصير الامين ضمينا اذا وجد الشرط وهو هلاك الامانة فلا تعد ولاسيما فى حق مستعير حلى ليرهنه عند تاجر فى مصرفية خوف السرقة الحمد أولاً على الهداية للبداية وآخرا على العناية بالكفاية والنهاية وَ آخِرُ دَعوَانَا اَنِ الحمدُ لِللهِ رَبِ العالمين.

هن ڪتاب جو هڪ نسخو راقم الحروف وٽ موجود آهي. ٻيو نسخو درگاهہ الله آباد ڪنڊيارو ۾ آهي، ٽيون نسخو محترم الطاف حسين عباسي ساڪن سليم آباد ڪنڊيارو جي ذاتي لائبريري ۾ موجود آهي.

٩- تبيان ابنيه فارسيه:

هي ڪتاب فارسي گرامر بابت آهي. هن ڪتاب جي ڪنهن ٻہ نسخي بابت اڃان تائين ڪوبہ سراغ ملي نہ سگهيو آهي. البتہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري پاڻ پنهنجي ٻئي ڪتاب "نبراس تصارف فارسيه" ۾ ان جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

"وباقى مسائل اين فن در رساله "تبيان ابنيه فارسيه" بتفصيل نوشته شده است« .(٢٤)

هن فارسي عبارت مان ڪتاب جو اهو نالو معلوم ٿئي ٿو.

٧. نبراس تصاريف فارسيه:

هيءُ ڪتاب فارسي گرامر بابت فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل هڪ سليس ڪتاب آهي. هن ڪتاب جي تصنيف جو سال معلوم نہ آهي. هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ فارسيءَ جا قاعدا ۽ قانون لکيل آهن ۽ ٻئي حصي ۾ فارسيءَ جي صرف صغير جا گردان الف کان وٺي ياء تائين ترتيب سان ڏنل آهن هن ڪتاب جا ٻہ قلمي نسخا ديني درسگاهہ چوٽياريون ۾ موجود هئا ۽ هڪ نسخو مرحوم حڪيم پير معين الدين خياروي (وفات ١٩٧٠ع) جي ڪتبخاني ۾ موجود هو. هيءُ ڪتاب اپريل ١٩٩٦ع مطابق ماه ذوالحج ١٤١٦ هجري ۾ راقم الحروف جي سنڌي ترجمي ۽ تحقيق سان مخدوم ابوالحسن ڏاهري اڪيڊمي دوڙ تعلقہ و ضلع نوابشاهہ سنڌ طرفان پهريون دفعو شايع ٿيو آهي ۽ شايع ٿيل نسخو جملي ٨٠ صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي شروعات هن طرح آهي:

بسم اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

الحمد للهِ على كل حال والصلواة والسلام على سيد ارباب الكمال وعلى آله وصحبه فى الغدو والاصال ومن تبعهم باحسان على التوال اما بعد مى گويد بنده ضعيف، نحيف ابوالحسن سندي قرشي داهرى نقشبندى عفى الله تعالى عنه و عن والديه واستاذيه كه اين رساله است مُسمى "بنبراس تصاريف فارسيه" مشتمل برمقدمه و دو باب و

خاتمه. باب اول جامع است مرشش قاعده را و باب دوم جامع است مر پنج قاعده را.

کتاب جي پڇاڙي هن طرح آهي:

باب اليـاء

يافتن - يافته - بيابد - مي يابد - خواهديافت - مي يافته بود

٨- نبراس ميزان فارسي:

جيئن ته مخدوم ابوالحسن ڏاهري "نبراس" جي نالي سان ٻه ڪتاب لکيا آهن: هڪ "نبراس تصاريف فارسيه" جيڪو شائع ٿي چڪو آهي ٻيو نبراس ميزان فارسي. مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته درسگاهه چوٽياريون ۾ هن ڪتاب جو قلمي نسخو موجود آهي.(٢٥) وڌيڪ معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته اهو ڪتاب ٻئي هنڌ به آهي يا نه؟ ۽ سندس آغاز ۽ اختتام به معلوم نه آهي.

٩- التعليقات لأبي الحسن الداهري علي المرقاة شرح المشكواة عربي:

هن ڪتاب جي باري ۾ علامه غلام مصطفیٰ قاسمي لکيو آهي ته مخدوم ابوالحسن ڏاهري مشڪواة المصابيح جي حاشيه مرقاة المفاتيح تي پنهنجا حواشي ۽ تعليقات لکيا آهن ۽ "مجموع فتاویٰ علماء سنڌ" مان هڪ تحرير ڪچڪول نامه جي مقدمه ۾ اندي اٿس، جنهن ۾ انبياء ڪرام جي حياتي ثابت ڪيل آهي ۽ ان ۾ اهو به ڄاڻايو آهيس ته هي

تعليقات مخدوم ابوالحسن الداهري جا لکيل آهن.(٢٦) هن ڪتاب جي باري ۾ وڌيڪ ڪابہ ڄاڻ ملي نہ سگهي آهي.

١٥- البدعة المرعية للوزن الشرعية منظوم فارسي:

هي ڪتاب فارسي ٻوليءَ ۾ منظوم فقہ حنفي مطابق ديني مسئلن خاص ڪري شرعي وزنن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي نسخي بابت اڃان تائين ڪابہ ڄاڻ ملي نہ سگهي آهي. مشهور محقق ڊاڪٽر بلوچ هڪ قلمي بياض مان ان ڪتاب جا ٻہ شعر نقل ڪري پنهنجي مضمون ۾ آندا آهن جن ۾ عورت جي مهر بابت بحث ٿيل آهي.(٢٧) جيڪي هن طرح لکيل آهن:

اشعــار

مهر خاتون هر دو عالم چهار صد مثقال سيم،
يڪ صد و شصت دگر از روپيه دردل نگار.
در نصاب مهر شرعي ده درم بيشڪ شمار،
جمله آن دو روپيه باشد دگر اخماس چهار

١١- رساله در ثبوت نور محمد صلي الله عليه وسلم فارسي:

هيءَ ڪتاب نالي "رساله در ثبوت نور محمد ﷺ" حضرت علامہ مخدوم ابوالحسن بن بادل ڏاهري نقشبندي (وفات ١١٨١هـ) جو تصنيف ڪيل آهي. ڇاڪاڻ تہ مخدوم ابوالحسن پنهنجي ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية" باب اول، فصل ٢١ ۾ نورانيتِ مصطفىٰ ﷺ بابت بحث آندو آهي ۽ اهڙيون عبارتون آنديون آهن، جيڪي هن رسالي ۾ ملن ٿيون

۽ ڪتاب جو اسلوب ۽ عبارت بلڪل ساڳي نظر اچي ٿي ۽ ڪافي فارسي جا اشعار بہ ساڳيا آهن جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ هي ڪتاب مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جو ئي تصنيف ڪيل آهي.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي مضمون "منهنجي علمي دائري" ۾ آخوند حبيب الله ساڪن مٽياري ضلع حيدرآباد جي قلمي ڪتابن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ ان جي ڪتب خاني ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ڪتابن مان "ينابيع الحيواة الابدية" فارسي تصوف ۾ ۽ "رسالہ در ثبوت نور محمد ﷺ" فارسي (تصنيف) شيخ ابوالحسن ڏاهري موجود هئا. (رسالہ سہ ماهي الرحيم، نمبر ٣، سال ١٩٦٦ع، صفحو ٦٨- ٦٩)

هي ننڍڙو رسالو فارسي ٻولي ۾ حضور ﷺ جن جي نور جي بيان ۾ آهي. هن رسالي جا ٻہ قلمي نسخا راقم الحروف وٽ موجود آهن. هڪ نسخو ميان محمد مبين چوٽياروي (وفات ١١٩٦هہ) جي پوٽي ميان عبيدالله بن ميان عبدالله (وفات ١٢٦٩هہ/ ١٨٥ع) جو هٿ اکر لکيل آهي ۽ ٻيو نسخو خليفو محمد خان بن غلام محمد جمالي (وفات ١٣٣٧هہ/ ١٩١٨ع) جو لکيل آهي، جيڪو پاڻ سن١٢٩٥هہ) ۾ لکيائين. هن ڪتاب جي تصنيف جو سال معلوم نہ آهي هيءُ ڪتاب مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ڪتاب سراج المصلي جي آخر ۾ جدا لکيل موجود هو. هن ڪتاب جي شروعات هن طرح آهي:

بِسمِ الله الرحمن الرحيم

الحمدلله الذي كان ولم يكن معه شي ثم خلق نور محمد صلى الله عليه وسلم من نوره ثم خلق الكائنات كلها من نور محمد صلى الله عليه وسلم لظهوره اما بعد پس مى گويد بنده مفتقر الى رحمة الله ذى المنن ابوالحسن عفى الله عنه و عصمه من الفتن برضمائر ذوي البصائر مخفى و محتجب نخواهد بود كه جمهور محققين از صوفيه صافيه قدسيه عليه از اهل سنت و جماعت برآنند كه نخستين مخلوق نور محمدى و روح احمدى است صلى الله عليه وسلم.

هن رسالي جي پڇاڙي هن طرح آهي:

و تحقيق اين مقدمه در رساله زمان و مكان للعلامة سيد على همدانى قدس سره است و شعور و تميز و روح و ديدن و شنيدن وى در رساله "الارواح" للعلامة محمد بن احمد غيطي قدس سره اثبات نموده است. والله اعلم بالصواب.

وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو رئيس المفسرين والمحدثين واعظ الاسلام حضرت علامه مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري لازالت شموس انواره طالعة و ساطعة هن كتاب جو سنڌي ترجمو كري شايع كرائي رهيو آهي.

وفات:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري تاريخ ١٢ ربيع الاول سنه ١١٨١ هجري ۾ وفات ڪئي. سندس وفات تي ان وقت جي مشهور شاعر، مؤرخ ۽ ڪتاب تاريخ بلوچي (جيڪو ١٩٩٦ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي) جي مصنف عبدالمجيد "مجيدي" جوکيي بکري هڪ مرثيو چيو، جيڪو مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية" قلمي نسخن جي سر ورق تي لکيل آهي ۽ اهي نسخا پير جهنڊي ۽ ڪِنياري شريف جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن. اهو مرثيو هن ريت آهي:

قطعه تاريخ وفات

آه رحلت از جدائی آن نگار ـ گشت از فوتيش جان و دل فگار

رفت چون ز اين جا بملک دائمی ـ آسمان بگريست بروی از غمی

چون که او بود معدن علم و عمل ـ هم بوده ذاتش پراز حلم و کمل

قضيه او شد از مصيبتها عظيم ـ ليک صبرم بر رضا رب الکريم

ده دو ازماه ربيع الاولين ـ بود چون شد ارتحال شاهِ دين

هاتف از تاريخ او گفته بمن ـ جای جنت که او چون بوالحسن

هست اين ابيات از عبدالمجيد ـ حق دهد توفيق بر خيرش مزيد

ترجمو

* افسوس! ان محبوب جي لاڏاڻي ۽ جدائي جي ڪري، جنهنجي وفات سان دل ۽ جان زخمي ٿي پئي آهي.
* جڏهن هن جاءِ کان دائمي ملڪ ڏي ويو ته جُدائيءَ جي ڏک کان سندس ذات تي آسمان به رُنو.

* جڏهن ته پاڻ علم ۽ عمل جي کاڻ هو، سندس ذات به بردباري ۽ ڪماليت سان ڀرپور هئي.
* سندس وفات وارو سانحو وڏي مصيبت آهي، پر رب ڪريم جي رضا تي صبر ڪيان ٿو.
* ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ هئي، جڏهن دين جي بادشاهه (ابوالحسن ڏاهري) لاڏاڻو ڪيو.
* مون کي آواز ڏيندڙ تاريخ ٻڌائي ته سندس جاءِ جنت ۾ آهي. جو ته پاڻ ابوالحسن (پلي ڪنيت وارو) آهي.
* هي بيت عبدالمجيد چيا آهن شال الله تعاليٰ ڪيس چڱي ڪم ڪرڻ جي وڏيڪ توفيق عطا فرمائي.

هن قطعه تاريخ وفات جاي جنت اوست ڪه او چون بوالحسن مان ابجد جي حساب سان وفات جو سال ١١٦٨ هجري ڪڍيو ويو آهي، جيڪو صحيح نه آهي ڇو ته مخدوم ابوالحسن ١١٧٦ هجريءَ ۾ به ڪتاب تصنيف ڪيا هئا، جن مان هڪ "ڪچڪول نامه" ٻيو "رفع الفرية والمرية بلامين عن احكام العين والدين" آهي تنهن ڪري وفات جو صحيح سال ١١٨١ هجري آهي. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي مضمون ۽ ڪچڪول نامه جي مقدمي ۾ مصرع جي اها پڙهڻي اختيار ڪري سال ١١٨١ هجري ڄاڻايو آهي(٢٨)

مزار ۽ مدفن:

وفات کان پوءِ مخدوم ابوالحسن ڏاهري کي ديهه نصرت ٦٩، تعلقه ۽ ضلعو نوابشاهه سنڌ ۾ دفن ڪيو ويو. سندس

روضي ۾ ٽي قبرون آهن اولهہ طرف کان پهرين قبر مخدوم حاجي ابوالحسن جي آهي. ان کان پوءِ ٻئي نمبر تي اوير طرف سندس پُٽ عبدالرسول ۽ ٽئين نمبر تي پوٽي محمد پريل جي قبر آهي. سندس مزار جي مٿان قبو سندس پٽ يا پوٽي جوڙايو، جيڪو اڃ تائين موجود آهي. هن وقت هي قبرستان سندس نالي سان ئي مشهور آهي.

حاشيا ۽ حوالا

(١) علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: "ابوالحسن ڏاهري" رسالو سہ ماهي الرحيم سال ١٩٦٥ع نمبر ٻيو. مطبع شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، ص ٦٠.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "علامہ حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان" رسالو سہ ماهي الرحيم، شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، سال ١٩٦٥ع، جلد نمبر ۴.

(٣) مخدوم ابوالحسن ڏاهري: ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، صفحو ٢.

(۴) مخدوم ابوالحسن ڏاهري: ڪتاب نبراس تصاريف فارسيہ مطبع مخدوم ابوالحسن ڏاهري اڪيڊمي دوڙ ضلع نوابشاهہ سنڌ، ص ٢٩ سال طباعت ١٩٩٦ع.

(۵) مخدوم ابوالحسن ڏاهري: ڪتاب سراج المصلي فارسي، قلمي منظوم، ص ٨.

(٦) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "راقم الحروف ڏانهن علمي خط" تاريخ ١١- جولاءِ ١٩٩٦ع، ص ٢.

(٧) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "علامہ حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان" رسالو سہ ماهي الرحيم، شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، سال ١٩٦٥ع، جلد ۴، ص ٦.

(٨) علامه غلام مصطفیٰ قاسمي: مقدمہ کچکول نامه فارسي مطبع شاهہ ولي الله اکيڈمي حيدرآباد.

(٩) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، جلد ١، باب ١، فصل ١٣، ص ١٧٠.

(١٠) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، جلد ١، باب ١، فصل ١٧، ص ٢١١.

(١١) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: "سراج المصلي" منظوم فارسي، باب آب مطلق و مقيد و شرح هر يک، صفحو ١١٢.

(١٢) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، جلد ١، باب ١، فصل ٢، ص ٤٥- ٤٦.

(١٣) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، جلد ١، باب ١، فصل ٢، ص ٦٣.

(١٤) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب سراج المصلي فارسي قلمي، باب قبلہ، ص ١٤٢.

(١٥) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب سراج المصلي فارسي قلمي، ذکر احتلامر، ص ٥٣.

(١٦) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب سراج المصلي فارسي قلمي ذکر سنتهاء فعليه در نماز، ص ٢٨٨- ٢٨٩.

(١٧) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب سراج المصلي فارسي قلمي ذکر سنتهاء فعليه در نماز، ص ٢٩٠.

(١٨) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب رفع الفرية والمرية بلامين عن احکام العين والدين قلمي ص ٤٠.

(١٩) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، جلد ١، ص٢.

(٢٠) مخدوم ابوالحسن ڈاهري: کتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، جلد ٣، باب ٧، فصل ٣، ص ٢٩٤.

(٢١) مخدوم ابوالحسن ڏاهري: ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية فارسي قلمي، جلد ٢، باب ٢، فصل ٨، ص ٤٢٠.
(٢٢) علامه غلام مصطفىٰ قاسمي: "ابوالحسن ڏاهري" رسالو سه ماهي الرحيم سنڌي سال ١٩٦٥ع نمبر ٻيو، ص ٦٢، ناشر شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ.
(٢٣) خود نوشته سوانح حيات ڊاڪٽر دائودپوٽو: رسالو سه ماهي مهراڻ، سوانح نمبر سال ١٩٥٧ع، ص ٦٦٢، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ.
(٢٤) مخدوم ابوالحسن ڏاهري: ڪتاب نبراس تصاريف فارسيه مطبع مخدوم ابوالحسن ڏاهري اڪيڊمي دوڙ، ضلع نوابشاهه سنڌ، ص٥٢.
(٢٥) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: درسگاهه چوٽياريون، رسالو پيغام، ماهه آگسٽ - سيپٽمبر سال ١٩٨٠ع، اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي.
(٢٦) علامه غلام مصطفىٰ قاسمي: مقدمه ڪچڪول نامه فارسي، ص ٨، ادارة النشر شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ.
(٢٧) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "علامه حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان" رسالو سه ماهي الرحيم سنڌي، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، سال ١٩٦٥ع، جلد نمبر ٤.
(٢٨) علامه غلام مصطفىٰ قاسمي: ابوالحسن ڏاهري رسالو سه ماهي الرحيم سنڌي شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، سال ١٩٦٥ع، نمبر ٻيو، ص ٦٢- ٦٣.

ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري
ليڪچرار
گورنمينٽ مهراڻ ڊگري ڪاليج مورو
١٢- ربيع الاول ١٤١٨ هجري

مهاڳ

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمدلله الذی کان ولم یکن معه شيء ثم خلق نور محمد صلی الله علیه وسلم من نوره ثم خلق الکائنات من نور محمد صلی الله علیه وسلم لظهوره.

سڀ ساراهه ان الله جي لاءِ ثابت آهي جيڪو ازل کان آهي ۽ ان سان گڏ ڪابه ٻي شيءِ نه هئي. ان کان پوءِ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي نور کي پنهنجي نور مان پيدا ڪيائين. ان کان پوءِ ڪائنات کي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي نور مان سندس ظهور جي صدقي پيدا ڪرڻ فرمايائين.

اما بعد - پس مي گوید بنده مفتقر الی رحمة الله ذی المنن ابوالحسن عفی الله عنه و عصمه من الفتن.

حمد ۽ صلواة کان پوءِ ٻانهو، الله، احسان ڪندڙ جي رحمت جو محتاج ابوالحسن شال الله تعالىٰ ان کي معاف ڪري ۽ فتن کان بچائي. چوي ٿو ته:

برضمائر ذوی البصائر مخفی و محتجب نخواهد بود که جمهور محققین از صوفیه، صافیه، قدسیه، علیه از اهل سنت و جماعت برآنند که نخستین مخلوق نور محمدی و روح احمدی است

بصيرت وارن جي دلين کان مخفي ۽ لڪل نہ هوندو تہ صوفين، صفائيءَ وارن، پاڪن، بلند مقام وارن، اهل سنت و جماعت مان گهڻا محقق ان (عقيدي ۽ يقين) تي آهن تہ پهرين مخلوق (جنهن کي اول وجود مليو) حضرت محمد جو نور ۽ احمدي روح آهي (عليه الصلواة والسلام)

مختلف روايتن ۾ تطبيق

وسائر روايات، اول ما خلق الله القلم، اول ما خلق الله العقل، درمعارج النبوة، ولب لباب مثنوی،(١) وعين الحيواة(٢) بسبه تاويلات مؤول شده

۽ باقي روايتون: ١- اول الله تعاليٰ قلم پيدا ڪيو، ٢- اول الله تعاليٰ عقل پيدا ڪيو (جيڪي) معارج النبوة، لب لباب مثنوي ۽ عين الحيواة (ڪتابن ۾ آيل آهن) تن تاويلن سان تاويل ڪيل آهن

(١) معارج النبوة ۽ لب لباب مثنوي: ٻئي ڪتاب ملا حسين "واعظ" ڪاشفي جا لکيل آهن.

(٢) عين الحيواة: هن ڪتاب جو مصنف مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو استاد مولانا نورالدين احمد آبادي آهي.

واول ما خلق الله تعالى شجرة تسمى شجرة اليقين لهااربعة اغصان الحديث و اول ماخلق الله تعالى درة بيضآء تاويلات اين همه در مرآة حقائق بايد ديد.

۽ اول الله تعالىٰ هڪ وڻ پيدا ڪيو جنهنجو نالو يقين جو وڻ رکيل هو ان جون چار ٽاريون آهن (حديث) ۽ اول الله تعالىٰ اڇو موتي پيدا ڪيو. هنن سيني روايتن جا تاويل (ڪتاب) مراة الحقائق ۾ ڏسڻ گهرجن.

فيلسوفن جو قول

و فلاسفه كه بعشرة عقول قائل بودند و عقل عاشر را فعال دانسته اند هرگز از نور محمدی خبر نه دارند.

۽ جيڪي فيلسوف ڏهن عقلن جي هجڻ جا قائل هُئا ۽ ڏهين عقل کي ڪم ڪندڙ ڄاڻن ٿا (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) جي نور جي ڪابه خبر (۽ ڄاڻ) ڪونه ٿا رکن.

بيت

فلفسى زين نور نابينا شده
كور دل زين بو على سينا شده

ترجمو

هن (نبوي) نور کان فيلسوف انڌو رهيو ۽ ان (نور) کان بو علي سينا (فيلسوف) به دل جو انڌو رهيو

و در حديث "لولاك لما اظهرت ربوبيتى" محدثين را كلامى است و در "شمائل محمديه" بثبوت پيوسته.

۽ حديث شريف (اي محبوب!) "جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ مان پنهنجو رب هجڻ ظاهر نہ ڪيان ها" جي صحت وغيره بہ محدثين جي گفتگو آهي(ڪي انکي صحيح چون ٿا تہ ڪي نہ)۽ "شمائل محمديه" ۾ ثبوت ڏنل آهي.

بيت

محمد گر نبودے کس نه بودے
نه بودے هر دو عالم در وجودے

ترجمو

جيڪڏهن حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن نہ هجن ها تہ ڪير بہ (موجود) نہ هجي ۽ ٻنهي جهانن کي ڪو وجود نہ هجي ها.

حضور جي نور جي ظهور کان حضرت آدم عليه الصلواه والسلام جن جي وجود تائين وچ وارو عرصو

و از وجود نور محمد صلى الله عليه وسلم تاوجود جسد آدم الفان و سبعون

۽ حضرت محمدﷺ جن جي نور جي وجود کان وٺي حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي جسم جي وجود تائين ٻہ هزار ۽ ستر

سنة كل سنة ثلاث مائة و ستون يوما وكل يوم "كالف سنة مماتعدون"

سال جو عرصو هو ۽ هرهڪ سال ۾ ٽي سؤ سٺ ڏينهن جو هو ۽ هرهڪ ڏينهن انهن سالن مان جيڪي اوهان ڳڻيو ٿا هزار سال جو هو.

جن ڇهن ڏينهن ۾ آسمان ۽ زمينون پيدا ٿيا اهي ڪيڏا هيا؟

و شش روز كه دران روزها زمينها و آسمانها پيدا شده بودند درازى هر روزے هزار سال بود لقوله تعالى "وان يوما عند ربك كالف سنة مما تعدون(١) "كذا فى رسالة الزمان والمكان للعلامة السيدعلى الهمدانى(٢)

۽ اهي ڇهه ڏينهن جن ۾ زمينون ۽ آسمان پيدا ٿيا هئا هر هڪ ڏينهن جي ڊيگهه هزار سال هئي. جو ته الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته "۽ يقيناً تنهنجي رب وٽ هڪ ڏينهن انهن ڏينهن مان جيڪي اوهان ڳڻيو ٿا. هزار سال جيترو آهي. علامه سيد علي همداني قدس سره جي ڪتاب "رسالة الزمان والمڪان" ۾ ائين لکيل آهي.

---

(١) سورة "حج" آيت نمبر ٤٧.

(٢) علامه سيد علي همداني جي هن رسالي جو پورو نالو "غاية الامكان في دراية الزمان والمكان" آهي. ثبوت لاءِ ڏسو مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية" جلد اول، باب اول، فصل ١٨، صفحو ١٨٠. (مترجم)

ان وچ واري وقت ۾ محمدي نور ڪٿي هو؟

و درين مدت مديده آن نور بسيط و روح لطيف در عبادت حق و در محبت او مستغرق مى بود

۽ اهو بسيط نور ۽ لطيف روح ان ڊگھي مدت ۾ الله تعالىٰ جي عبادت ۽ ان جي محبت ۾ مستغرق هو.

سنڌي بيت

نڪو ڪون و مڪان هو نہ ڪو پير پون،
پهربائين تون پيدا ٿئين سٽي ڪن فيڪون،
محبت جي ميدان ۾ تڏهن توهين تون،
اتان مام پروڙي مون، تہ دولهہ آهين داسڙو. (١)

هر ذري کي شعور ۽ ادراڪ حضور عليه الصلواه والسلام کان مليو

پس حكيم مطلق بحسب حكمت بالغه خود هر ذره را از ذرات آن نور الطف و اقدس و هر جزء را از اجزاء آن روح اشرف مقدس علمى وشعورى بخشيد

پوءِ الله مطلق حڪيم پنهنجي بالغه حڪمت سان جهان جي هر ذري کي ان نهايت لطيف ۽ پاڪ نور جي ذرن مان ۽ (جهان جي) هر جز کي ان شرف واري ۽ پاڪ روح جي (روحانيت وارن) جزن مان اهڙو علم ۽ شعور بخشيو

---

(١) هيءُ سنڌي بيت اصل متن جو آهي، جيڪو مصنف پاڻ آندو آهي

تاخود را بعبوديت و حق را بربوبيت مى شناخت و خود را بجزئيت و کل را بکليت مى دانست پس ذوات غير متناهيه در ضمن ذات واحده که متصل واحد است پديدشده

جو پاڻ کي (الله تعاليٰ جي) ٻانهي هجڻ ۽ الله کي پنهنجي رب هجڻ سان سڃاڻائين ٿي ۽ پاڻ کي (هن جهان جي جزن مان) هڪ جزء ۽ ڪُل کي،ڪُل سمجهي تسليم ڪيائين ۽ ڄاڻائين ٿي پوء بي نهايت (اڻ ڪٿ) مخلوق ذاتيون ان هڪ ذات (محمدي) جي ضمن ۾ ظاهر ٿيون جيڪا هڪ (الله جل جلاله) سان وابسته آهي.

بيت

کثرت اندر وحدت است هم وحدت اندر کثرت است
حيرت اندر حيرت اندر حيرت اندر حيرت است(١)

ترجمو

کثرت وحدت ۾ ۽ وحدت ڪثرت ۾ آهي،
حيرت ۾ حيرت، حيرت ۾ حيرت آهي.

---

(١) هيءَ شعر مصنف پنهنجي ڪتاب ينابيع جلد ١، باب اول، فصل ١٨، صفحي ١٧٨ ۾ هن طرح آندو آهي. شعر

اين چه حال ست اين چه شان ست بوالعجب اين سير تُست
حيرت اندر حيرت اندر حيرت است

هن فارسي شعر جي مفهوم ڏانهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي هن طرح ڏيان ڇڪايو آهي:

وحدتا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حقِ حقيقي هيڪڙو، ڀولي ڀيءَ م َ ڀُلُ،
هوُ هُلاچو هُل، باللهِ سندو سڄڻين. (شاهه جو رسالو سُرڪلياڻ شعر١٧)

سڀ عقل ۽ ان نور مان پيدا ٿيا آهن

پس این جمله عقول غیر متناهیه بیکبارگی در ضمن عقل اول که عقل کل و عقل العقول و نور مجمدی است پیدا شده بودند و دران واحد متصل، مندرج ومندمج باندراج اکمل و باندماج اجمل همیشه بودند پس حق سبحانه وتعالی پس از مدت مدیده هر ذره عقل را ازین جمله عقول غیر متناهیه جدائی و انفصال داد. و هریکی در وجود خود مستقل و ممتاز گشت و در اشاره و خطاب علیحده شده.

پوءِ هي سيئي اڻ ڳڻ عقل هڪ ئي پيري سان ان پهرئين عقل جي ضمن ۾ جيڪو عقل ڪُل،عقل العقول ۽ محمدي نور آهي، ظاهر ٿيا هئا ۽ ان ئي هڪ سان وابستہ ۽ نهايت ئي ڪامل ۽ سهڻي نموني سان مليل ۽ ڳنڍيل هيا. پوءِ الله سبحانه وتعاليٰ نهايت ڊگهي مدت گذرڻ کان پوءِ انهن اڻ ڳڻ عقلن مان عقل جي هر ذري کي جدا جدا رکيو ۽ هر هڪ پنهنجي وجود ۾ مستقل ۽ ممتاز رهيو اشاري ۽ خطاب ۾ بہ جدا ٿيو.

ڪن عقلن تي ڪثافت طاري ٿي

و لیکن بعد تفرق ذرات

۽ پر سيني عقلن جي ذرن

جمله عقول از عقل اول و تفرق هریکی از دیگران در لطافت بعضی را اندک کدورت و کثافت راه یافت و علامت غفلت هریک رنگ دیگر یافته.

جي پهرئين عقل کان جدائي ۽ هڪ ٻئي کان پري ٿيڻ کان پوءِ ڪن ڪن (عقلن) جي لطافت ۾ ڪثافت اچي وئي ۽ هر هڪ جي غفلت جي نشانيءَ ٻيو رنگ ورتو.

بيت

آفتابے در هزاران آبگینه تافته
پس برنگے هریکے یک رنگ دیگر یافته
جمله یک نوراست لیکن رنگهائے مختلف
اختلافے درمیان این وآن بشتافته

ترجمو

هڪُ سج هزارن شيشن ۾ اهڙو چمڪيو جو انهن مان هرهڪ جدا جدا هڪ رنگ اختيار ڪيو. آهن ته سيئي هڪ نور پر رنگ مٽيل اٿن ۽ هن ۽ انهيءَ ۾ هڪ قسم جو اختلاف آيل هو.

عقول ۽ نفوس جي وضاحت

پس این جمله ذوات را در حالت اتصال و یگانگی عقول گویند و بعد از انفصال و بیگانگی نفوس خوانند

پوءِ هنن سيني ذاتين کي متصل ۽ هڪ هجڻ جي حالت ۾ عقل سڏيندا آهن ۽ پري ۽ جدا ٿيڻ کان پوءِ کين نفس سڏيندا آهن.

نفس جا قسم

پس نفوس بر دو نوع است نفوس ناطقه انسانیه ونفوس ملائکه که جمله اجسام لطیفه اند و عدد افراد هر نوع را جز حق تعالی کس نه داند "وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّاهُوَ" (۱). و آنانکه جمله عقول را مجرد گویند و جمله نفوس را لطیف خوانند خطا کرده اند چه سوی الله هیچ چیز ذات مجرد نیست نزد اهل سنت و جماعت- کذا فی شرح العقائد النسفیة و صدور نفوس جمله از نور احمدی است قبل الاجرام

پوءِ نفس ٻہ قسم آهن (هڪڙا) ڳالهائيندڙ انساني نفس، ٻيا ملائڪن جا نفس، جيڪي لطيف جسم آهن ۽ هر قسم جي فردن جي عدد کي الله تعالىٰ کانسواءِ ڪير نٿو ڄاڻي. (جيئن الله تعالىٰ جو فرمان آهي) "۽ تنهنجي رب جي لشڪرن کي ان کان سواءِ ڪير بہ نٿو ڄاڻي" ۽ جيڪي سيني عقلن کي مجرد ۽ سيني نفسن کي لطيف سڏين ٿا خطا ڪن ٿا، ڇو تہ اهل سنت و جماعت وٽ ڪا بہ شيءِ الله تعالىٰ کان سواءِ مجرد ذات ناهي "شرح عقائد نسفيہ" ۾ ائين ذڪر ڪيل آهي. ۽ وڏن وڏن جسمن جي وجود کان

(۱) سورة "مدثر" آيت نمبر ۳۱.

العالية بدو هزار سال مي بود و همه نفوس از اجرام علويه الطف اند و همه عقول از نفوس الطف اند و بعض النفوس الطف من بعض و عالم عقول و نفوس را عالم امر گويند واجرام عاليه وسفليه را عالم خلق خواند "اَلَالَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ تَبَارَكَ اللهُ رَبُّ الْعَالَمِيْنَ" (١)

به هزار سال اڳي سمورا نفس احمدي نور مان صادر ٿيا هئا ۽ مڙني نفس سيني مٿاهن جسمن کان لطيف آهن ۽ مڙئي عقل (وري) سيني نفسن کان وڌيڪ لطيف آهن ۽ بعضي نفس بعض کان وڌيڪ لطيف آهن ۽ عقل ۽ نفس جي جهان کي امر جو جهان چوندا آهن ۽ مٿين ۽ هيٺين جسمن کي خلق جو جهان چوندا آهن. خبردار انجي لاءِ ئي خلق ۽ امر (جا جهان) آهن الله سيني جهانن جو رب برکت وارو آهي.

بعضي نفسن کي احمدي نور مان وند ملندي آهي

و بعضے نفوس ناطقه را از نور احمدی و روح محمدی صلی الله عليه وسلم نصيبِ کامل و حظِ وافر می رسد

۽ بعضي ڳالهائيندڙن نفسن کي احمدي نور ۽ محمدي روح صلي الله عليه وسلم مان ڪامل ڀاڱو ۽ پورو پورو حصو پهچي ٿو.

(١) سورة "اعراف" آيت نمبر ٥٤.

پس هر دم همیشه در محبت پروردگار و نور محمدی (صلی الله علیه وآلہٖ وسلم) مستغرق می بودند.

۽ پوءِ (اهي) هميشه هميشه الله تعاليٰ ۽ محمدي نور ۽ ان جي آل (صلي الله عليه واله وسلم) جي محبت ۾ مسغرق رهن ٿا.

بيت

آن روح را که عشق حقیقی شعار نیست
نابوده به که بودن او غیر عار نیست

ترجمو

جنهن روح جو حقيقي عشق نشان نہ آهي، اهو دنيا تي (زنده) نہ هجي تہ ڀلو ڇو تہ ان جي دنيا تي (زنده رهڻ ۾) عار (شرمنده هجڻ) کانسواءِ ڪوبہ فائدو نہ آهي.

سنڌي بيت

سامي سڀ ٿي جي آدما اڳي هنا،
اوريان اوربن اورسين ۽ پريا پربن ٿي،
اوربن اورن الک سين، پربت نہ پيٺي،
ان کي ڏيٺي، باد وجائج مَ بکيا.(۱)

اور بمعنی غیر الک نام ذات حق تعالی اول هندی است و ثانی میکری پورپی. وآن بعض را از خطاب میثاق سبکی پدیدار گشت.

اور غير جي معنيٰ ۾ ۽ الک الله تعاليٰ جو نالو آهي. اول هندي ٻولي ۾ آهي ٻيو ميکري، پوربي (ٻوليءَ ۾) ۽ ان بعض کي ميثاق جي خطاب کان هلکائي ظاهر ٿي هئي.

(۱) هيءَ سنڌي بيت اصل متن جو آهي، جيکو مصنف پاڻ آندو آهي.

بيت

عشاق تو ز جام الست مست آمدند
سرگشته از پياله، الست آمدند

ترجمو

تنهنجا عاشق الست (بربكم) واري فرمان جي (پيار واري) پيالي كان مست آهن ۽ ان ئي (حقيقي عشق جي) پيالي پيئڻ جي كري مدهوش آهن.

وآن وطن اصلى را كه هزاران هزار سال با يكديگر الارواح جنود مجندة الحديث (١) گذرانيده بودند ياد مى دارند.	۽ ان اصلي وطن كي جنهن ۾ هزارين سال هڪ ٻئي سان جيئڻ حديث ۾ آيو آهي تہ روح هڪ ٻئي سان جڪڙيل لشكر آهن. گڏ گذاريو هئائون، ياد ركن ٿا.

بيت

گنج علمى ما ظهر مع مابطن
گفت از ايمان بود حب الوطن
اين وطن مصر و عراق و شام نيست
اين وطن شهري است كانرا نام نيست

ترجمو

ظاهري ۽ باطني علم جي خزاني (ان مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن) فرمايو آهي تہ: وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي. اهو وطن، مصر، عراق ۽ شام نہ! پر اهو شهر اهڙو آهي جنهن جو ظاهري نالو آهي ئي كونہ.

---

(١) بخاري شريف جلد١، جزء١٣، كتاب الانبياء باب الارواح جنود مجندة صفحو ٤٦٩، مطبع كراچي.

وآن بعض را بعد از تعلق بجسم خاکی فیض از نور احمدی می رسد "يُلْقِى الرُّوحَ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ".(١)

۽ ان بعض کي خاڪي جسم سان تعلق جوڙڻ کان پوءِ احمدي نور مان فيض پهچندو آهي. (آيت مبارڪه) "پنهنجي امر مان جنهن کي گهري ٿو ان تي روح جو القاء ڪري ٿو.

اشارت باين فيض است صرح به فی قوة القلوب للشيخ ابی طالب المکی قدس سره "وَ لٰكِنْ جَعَلْنَاهُ نُوْرًا نَّهْدِىْ بِهٖ مَنْ نَّشَآءُ" (٢) علی ما فهم من تفسير البيضاوی نيز اشارت باين فيض است.

هن ۾ فيض ڏانهن اشارو آهي ۽ شيخ ابي طالب مڪي (قدس سره جي ڪتاب قوة القلوب ۾ انجي صراحت ڪيل آهي. "۽ پر اسان ان کي نور بنايو آهي، جنهنکي به گهرون ٿا تہ (ڪيس) ان سان هدايت ڪيون ٿا" (هن آيت ۾ بہ) جيئن تفسير بيضاويءَ مان سمجهيو ويو آهي. هن فيض ڏانهن اشارو آهي.

عقل جي تعريف

العقل نور فی القلب يفرق بين الحق والباطل درين هم رمزے است

عقل، قلب ۾ هڪ نور آهي، جيڪو حق ۽ باطل ۾ فرق پيدا ڪندو آهي. هن ۾ بہ نبي ڪريم

(١) سورة مؤمن" آيت نمبر ١٥.
(٢) سورة "شوریٰ" آيت نمبر ٥٢.

بفيضان نور نبی صلی الله علیه وسلم

(صلي الله عليه وسلم) جي نور جي فيض ڏانهن اشارو آهي.

بيت

پرتوِ این نور نور است در دل ایمانیان
زین سعادت سرمدی ویران دکان یونانیان

ترجمو

هن ٿي نور جو چمڪار ايمان وارن جي دل ۾ نور آهي ۽ هن سرمدي سعادت کان يونان وارن فيلسوفن جو دڪان ويران (۽ خالي) آهي.

نور اسم اعظم آهي

بدانکه: نور اسم اعظم است ازاسماءالله تعالی بسائر لغات بر حق تعالی جائز نے بخلاف سائر الاسماء چه درمعنی لغوی و عرفی منحصر نیست تا روشنی وَضُوء گُفته شود و شرح نور از روء حقیقت و مجاز در رساله تفسیر آیت کریمه "اَللّٰهُ نُوْرُالسَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ"(١)

ڄاڻ ته نور الله تعالىٰ جي نالن مان اسم اعظم آهي ۽ نور جو اطلاق سيني ٻولين ۾ الله تعالىٰ تي جائز نه آهي ٻين نالن جي برعڪس (جو انهن جو اطلاق جائز آهي) ڇو ته لغوي ۽ عرفي لحاظ سان (الله تعالىٰ جي لاءِ) روشني يا چمڪار چوڻ منحصر (جائز) ناهي. ۽ حقيقت ۽ مجاز جي لحاظ سان آيت ڪريمه "الله آسمانن ۽ زمين جو نور آهي"

(١) سورة "نور" آيت نمبر ٣٥.

باید دید تا دغدغه در دیدن نفوس ناطقه بجز عین باصره و شنیدن آنها بجز گوش سامعه از دلها بیرون رود.

جي تفسيرجي رساليءَ ڏسڻ گهرجي تانت ڳالهائيندڙن نفسن جي ظاهري اک کانسواءِ ڏسڻ ۽ ظاهري ڪن کانسواءِ ٻڌڻ جي متعلق دلين مان شڪ ۽ شبهو ٻاهر نڪري وڃي.

نور جي تعريف

و خلاصه کلام آن رساله این است النور ظاهر بنفسه مظهر لغیره فالحواس کلها نور اظهرها الله تعالی لتصیر ظاهرة بنفسها مظهرة لغیرها والنور المطلق لایحتاج الی الحواس فی ادراك المحسوسات.

۽ ان رسالي جي اندر ٿيل گفتگو جو خلاصو هي آهي ته: نور (اهو آهي جيڪو) پاڻ ظاهر ۽ ٻئي کي ظاهر ڪندڙ هجي پوءِ حواس سڀئي نور آهن جنکي الله تعالىٰ (انجي ڪري) ظاهر ڪيو هوته تانت پنهنجي سر پاڻ به ظاهر ٿين ٻين کي به ظاهر ڪن ۽ (جيڪو) مطلق نور آهي اهو محسوس ٿيندڙين شين جي ادراڪ ۾ حواس جو محتاج نه هوندو آهي.

ازلي نور ڪير آهي؟

والنور الازلی هو الاول والآخر والظاهر والباطن

۽ ازلي نور اهو ئي آهي، جيڪو اول، آخر، ظاهر، باطن

واجب الوجود تعالى شانه وهو مظهر للظهوروالبطون الحادثين و فلاسفه وجود نفس ناطقه قبل الجسم مسلم ندارند

۽ واجب الوجود (الله) تعالىٰ شانه آهي ۽ اهو الله تعالىٰ ئي حادث، ظهور ۽ بطون (پنهي) کي ظاهر ڪندڙ آهي ۽ فيلسوف نفس ناطقه جي وجود کي جسم کان اڳ ۾ تسليم نٿا ڪن.

روح جي تعريف

و اهل سنت و جماعت دو طائفه اند جماعتى منهم سيد الطائفه طاؤس العلماء الشيخ ابوالقاسم جنيد البغدادى مى گويند. الروح سر من اسرار الله تعالى الغامضة استاثره الله بعلمه ولم يطلع احد على حقيقته و كيفية تعلقه بالبدن والخوض فى كنهه والتفحص فى كيفية تعلقه بالبدن

۽اهل سنت وجماعت(وارا ان سلسلي ۾) ٻه ٽولا آهن. هڪ ٽولي جن مان (ولين جي) جماعت جو سردار، علماء جو مور، الشيخ ابوالقاسم حضرت جنيد بغدادي عليه الرحمة آهي انهن جو چوڻ آهي ته: روح الله تعالىٰ جي لڪل رازن مان هڪ راز آهي، جنهن کي الله تعالىٰ پنهنجي علم ۾ رکڻ اختيار(پسند)فرمايو آهي ۽ ان جي حقيقت ۽ بدن سان تعلق جي ڪيفيت تي ڪنهن کي اطلاع نه ڏنو ويو آهي ۽ ان (روح) جي حقيقت ۾ اونهو وڃڻ۽ بدن سان سندس تعلق

بدعة قبيحة والتناسيحه
والقائلون بقدم الروح
انما هلكوا اذا خاضوا
فيه وچون يهوديان از
حقيقتش سوال كردند
فرمان آمد "قُلِ
الرُّوۡحُ مِنۡ اَمۡرِ رَبِّیۡ
وَمَاۤ اُوۡتِيۡتُمۡ مِّنَ الۡعِلۡمِ
اِلَّا قَلِيۡلاً" (١) پس بعضی
گويند كه سوال يهوديان
فی قوله تعالی "وَ
يَسۡئَلُوۡنَكَ عَنِ الرُّوۡحِ" (٢)
از روح حيوانی است
كه آن را نفس حيوانی
نيز گويند وآن در
جميع حيوانات است و
خلقتش پس از استعداد
جسم است نه پيش
ازان وآن بخارے است
لطيف در قلب حيوان

جي ڪيفيت جي جاچ ڪرڻ بري
بدعت آهي ۽ تناسخ جا قائل ۽ روح
کي قديم چوڻ وارا ان بحث ۾ اونهي
وڃڻ جي ڪري هلاڪ ٿي وياءِ
جڏهن روح جي حقيقت جي متعلق
يهودين (حضورﷺ کان) سوال ڪيو
ته الله تعالىٰ جو فرمان آيو: "فرماءِ ته
روح منهنجي رب جو امر آهي."
۽ اوهانکي تمام ٿورو علم ڏنو ويو
آهي. ڪي چون ٿا ته الله تعالىٰ
جي فرمان "۽ اوهانکان روح جي
متعلق پڇن ٿا" ۾ يهودين جي
طرفان سوال حيواني روح جي
باري ۾ آهي جو ان کي حيواني
نفس به چوندا آهن ۽ اهو سيني
حيوانن ۾ آهي ۽ ان جي خلقت
جسم جي تيار ٿيڻ کانپوءِ آهي
ان کان اڳي ناهي ۽ اهو حيوان
جي دل ۾ نهايت لطيف بخار
آهي.

(١) سورة "بني اسرائيل" آيت نمبر ٨٥. (٢) سورة بني اسرائيل آيت ٨٥.

و حیاتی حیوانی اثر اوست و اما ادراک محسوسات بخمس حواس پس فلاسفه میگویند که مدرک محسوسات نفس حیوانی است بقوة حس مشتر که آن قوت را یونان تبطاسیا گویند وآن قوت نفس حیوانی است و خمس حواس آلات اوست و جماعتی از اهل سنت و جماعت می گویند که یک نفس دیگر است غیر نفس حیوانی که خادم نفس حیوانی است و جاسوس اوست که باآلات خود که حواس خمس است احساس کرده بنفس حیوانی می رساند

۽ حيوان جي حياتي ان جو اثر آهي. ۽ پر محسوس شين کي پنجن حواسن سان پروڙڻ جي باري ۾ فيلسوف چون ٿا ته حواس جي پروڙ ۾ اچڻ وارو حيواني نفس آهي جيڪو حس جي مشترڪ قوت سان پروڙ ڏيندو آهي ان قوت کي يوناني (فيلسوف)"تبطاسيا" سڏيندا آهن ۽ اها قوت حيواني نفس جي قوت آهي ۽ پنج حواس ان جا اوزار آهن ۽ اهل سنت و جماعت مان هڪ ٽولي وارا چون ٿا ته حيواني نفس کان سواءِ هڪ ٻيو نفس به آهي جيڪو حيواني نفس جو خادم ۽ ان جو جاسوس آهي، جيڪو پنهنجن اوزارن سان جيڪي پنج حواس آهن (ڳالهيون) محسوس ڪري حيواني نفس کي پهچائي ٿو

پس نفس حیوانی ادراک
محسوسات می کند پس
این نفس دربان نفس
حیوانی است و واسطه
است بین الحواس
الظاهرة و بین النفوس و
در دماغ جائے دارد وچون
از رطوبات باطنیه
بخارات مرتفع شده
بسوئی دماغ صعود نمایند
و این نفس را مستور و
معطل سازند موت این
نفس متحقق می شود و
این موت را نوم گویند
لقوله تعالی "اَللّٰهُ يَتَوَفَّى
الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا وَالَّتِيْ لَمْ
تَمُتْ فِيْ مَنَامِهَا" الآیة(۱)
و اهل سنت و جماعت
وجود حواس خمسه
باطنیه مسلم ندارند

پوءِ حيواني نفس محسوسات
جو ادراڪ ڪري ٿو پوءِ هي
نفس حيواني نفس جو
دربان آهي ۽ اهو ظاهري
حواس ۽ نفسن جي وچ ۾
واسطو آهي ۽ اهو دماغ ۾
جاءِ رکي ٿو ۽ جڏهن باطني
رطوبتن مان بخار بلند ٿي
دماغ ڏانهن چڙهي وڃن ٿا ۽
هن نفس کي ڍڪيل ۽ بيڪار
ڪن ٿا ته هن نفس جو (ظاهري)
موت ثابت ٿئي ٿو ۽ ان (ظاهري)
موت کي ننڊ سڏين ٿا. الله
تعالیٰ جي ان فرمان جي ڪري ته
"الله نفسن کي سندن مرڻ وقت
وفات ڪرائي ٿو ۽ انهن کي
جيڪي پنهنجي ننڊ ۾ نه مئا
۽ اهل سنت و جماعت وارا
پنجن باطني حواسن جي
وجود کي تسليم نٿا ڪن

(۱) سورة "زمر" آيت نمبر ۴۲.

صرح به فی شرح العقائد النسفیه(۱) وحواشیه و أنها حس مشترک خیال و وهم وحافظه متخیله است و بعضي گویند که سوال یهودیان فی قوله تعالی "وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ" (۲) از نفس ناطقه است نه از نفس حیوانی و بعضی از اهل سنت و جماعت می گویند که حقیقت روح اعنی نفس ناطقه اگرچه از قبیله نظریات است لیکن ممکن است تصور حقیقتش بقیاس صحیح یابکشف یا بالهام صحیحین عقلاً و شرعًا

شرح العقائد النسفيه ۽ ان جي حاشين ۾ ان جي صراحت آيل آهي ۽ اهي (باطني حواس) مشترڪ حس، خيال، وهم ۽ خيال ۾ ايندڙ حافظو آهي ۽ ڪي چون ٿا ته الله تعالىٰ جي فرمان: "۽ توکان روح جي باري ۾ پڇن ٿا" ۾ يهودين جو سوال نفس ناطقه جي باري ۾ آهي، حيواني نفس جي باري ۾ ناهي. ۽ سنت و جماعت مان ڪي چون ٿا ته روح يعني نفس ناطقه جي حقيقت جيتوڻيڪ نظريات جي قسم کان آهي پر صحيح قياس يا صحيح ڪشف يا صحيح الهام سان عقلاً ۽ شرعاً ان جي حقيقت جو تصور ممڪن آهي.

(۱) لم يثبت عندهم الحواس الباطنة المسماة بالحس المشترک والخيال والوهم و غير ذالک. (شرح العقائد، مطبع سهارنپور، ص ۱۰)

(۲) سورة "بني اسرائيل" آيت نمبر ۸۵.

چه ادق نظریات آیات متشابهات است و روح مثل آیات متشابهات نیست در دقت نظر بلکه معرفت روح از علوم صوفیه صافیه شمرده اند و هر روحی که برو فیضان نور محمدی است او را از جام محبت نوش سرمدی باشد وابد الآباد سیراب بگردد.	ڇو تہ نظريات جي لحاظ سان نهايت (اونهيون ۽ سمجهڻ ۾) تمام دقيق متشابھ آيتون آهن ۽ روح نظر جي دقت ۾ متشابھ آيتن وانگر ناهي بلڪ (انهن پلارن) روح جي معرفت ڪي صفائي وارن صوفي بزرگن جي علوم مان ڳڻيو آهي ۽ هر روح جنهن تي محمدي نور جو فيض (پلٽيل) آهي ان ڪي محبت جي پيالي مان پيئڻ سان ڍؤ هوندو آهي ۽ هميشه هميشه ڍاول ٿيندو آهي.

بیت

عشق راهے نیست کانرا منزلے پیدا شود
این نه دریائے است کانرا ساحلے پیدا شود

سالها باید چو مجنون، پائے در دامان کشید،
تا ز دامانے بیابان محملے پیدا شود.

ترجمو

١- عشق اهڙي واٽ نہ آهي جنهن جي منزل ظاهر ٿئي ۽ نہ اهڙو درياء آهي جنهن جي ڪنڌي ڏسڻ ۾ اچي.
٢- سالن جا سال مجنوءَ وانگر دامن ۾ پير رکڻ گهرجي تہ جيئن بيابان جي دامن مان (محبوب تائين پهچائيندڙ) سواري ملي وڃي.

پس آن فیضان نور بعضے را بسوئی خود جذب می کند و مجنون می سازد.

پوءِ اهو نور جو فيض ڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي مجنون بنائي ڇڏي ٿو.

بيت

جنون کز قید برخیزد، ازو بیرون کشم پارا،
کنم زنجیر پائے خویش دامان صحرا را.

ترجمو

جيڪو جنون قيد جي ڪري ٿيندو آهي. مان انهيءَ مان پير کي ٻاهر ڪڍان ٿو ۽ صحرا جي دامن کي پنهنجي پير جو زنجير بنايان ٿو.

ناقص کي ڪامل بنائيندڙ

و بعضے را ازبرائے تکمیل ناقصان فرو گذارند وجام تجرید نوشانند

۽ ڪن ناقص کي ڪامل بنائڻ جي لاءِ هيٺ ڇڏي تجريد جو پيالو پيارينداآهن.

بيت

هرکه ز تجرید شرابي چشید،
هر دو جهان را بیک دم کشید.

ترجمو

جنهن بہ تجريد جو شراب چکيو ان (انهيءَ حالت جي) هڪ پساهہ تان ٻئي جهان قربان ڪري ڇڏيا.

و بر بعضی علامت فیضان نور پیداگردد که عوام هم بران مطلع شوند

۽ ڪن جي مٿان نور جو فيض (اهڙو) ظاهر ٿيندو آهي جو عوام بہ ان ڪان باخبر هوندو آهي.

ڳالهائيندي نور جا چمڪارا نڪرندا هئا

و در کشف المحجوب است که شیخ ابوالحسن نوری وقتے که تکلم کردے شعله نور از دهان او برمی جستے.

۽ ڪشف المحجوب ۾ آهي تہ جنهن وقت حضرت ابوالحسن نوري عليہ الرحمة) ڳالهائيندو هو تہ سندس وات مان نور جا شعلا نڪرندا هئا.

بيت

مرد آن است که بهمت حال عالم دیده رفت،
همچون برق از نور حق بر وضع آن خندیده رفت.
همت نورانیان از نور احمد حاصل است،
کعبه صوری بگرد رابعه گردیده رفت.(١)

ترجمو

١- مرد اهو آهي جيڪو حال جي همت سان ڏسڻ جي جهان ۾ ويو ۽ ڪنوڻ وانگر حق جي نور مان انجي نموني کلندو ويو.
٢- نور وارن ڪي همت حضرت احمدﷺ جي نور مان حاصل آهي ظاهري ڪعبي حضرت رابعه جي محبت ۾ انجو طواف ڪيو هو.

---

(١) مصنف هي ٻئي شعر پنهنجي ڪتاب ينابيع جي باب ١، فصل ٢٣، ص ٣٢١ تي ذڪر ڪيا آهن. پر شعر نمبر ٻيو هن طرح آندو اٿس:
مردِ حقيقي از قياس ما برون ست ـ ڪعبه صوري بگرد رابعه گرديده رفت

و هرکه داند که زمان عالم لطیف از زمان عالم کثیف مغایر به تنگی یا بفراخي می باشد.

۽ جيڪو (اها) ڄاڻ رکي ٿو تہ لطيف جهان جو زمانو ڪثيف جهان جي زماني کان تنگيءَ يا ڪشادگيءَ سان هوندو آهي.

عالم لطيف جي هڪ گهڙي عالم ڪثيف جي هزار سال برابر آهي

چنانچه گهی یک ساعت عالم لطیف برابر هزار سال عالم کثیف می باشد و گهی عکس آن باشد پس آن گاه زمان عالم کثیف تنگ تر باشد از زمان عالم لطیف و هر حال تغایر بین زمانین بقلت و بکثرت بداند او جواب دادن تواند مر قومے را که میگویند

جيئن جو ڪڏهن عالم لطيف جي هڪ گهڙي عالمِ ڪثيف جي هزار سال جي برابر هوندي آهي ۽ ڪڏهن ان جي ابتڙ هوندو آهي پوءِ ان وقت عالم ڪثيف جو زمانو عالم لطيف جي زماني کان گهٽ تنگ هوندو آهي ۽ جيڪو بنهي زمانن جو ٿوري ۽ گهٽي هجڻ سان تغاير ڄاڻندو اهو ان قوم کي ان جو جواب ڏئي سگهندو جيڪي چون ٿا تہ:

چون حضرت عزیر علی
نبینا و علیه الصلواة
والسلام بمرد وصد سال
بر او گذشت پس زنده
شد آن صد سال را یوماً
او بعض یوم گفت
کَقولِه تعالی "فَاَمَاتَهُ
اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ الآیة(١)
وهمچنین اصحاب کهف
یوما او بعض یوم
گفتند باوجود آنکه
"لَبِثُوْا فِیْ کَهْفِهِمْ ثَلَاثَ
مِائَةٍ سِنِیْنَ وَازْدَادُوْا
تِسْعًا" (٢) پس هر که
مرور ایام را نداند واز
گذشتن سالها خبرے
ندارد او بر دیدن حال
این عالم و بر شنودن
کلام هرگز قادر نباشد
"اِنَّکَ لَاتُسْمِعُ الْمَوْتٰی وَلَا
تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ(٣)

جڏهن حضرت عزير علي
نبينا وعليه الصلواة والسلام
وفات ڪئي ۽ ان تي سؤ سال
گذريا پوءِ جيئرو ٿيو ته ان سؤ
سالن کي ڏينهن يا ڏينهن جو
ڪجهه حصو فرمايو. جيئن الله
تعاليٰ جو فرمان آهي ته: پوءِ
الله ان کي سؤ سال وفات
ڪرائي " ۽ ان ئي طرح
اصحاب ڪهف به ڏينهن يا
ڏينهن جو ڪجهه حصو چيو
هو. ان جي باوجود جو پنهنجي
غار ۾ ٽي سؤ نؤ سال رهيا
هئا. پوءِ جيڪو ڏينهن گذرڻ
کي نه ڄاڻي ۽ سالن گذرڻ جي
خبر نٿو رکي اهو هن عالم جي
ڏسڻ ۽ گفتگو ٻڌڻ تي اصل
قادر نه ٿو هجي (جيئن فرمان
آهي ته) "بيشڪ تون نٿو
مئلن کي ٻڌارائين ۽ نه تو
ٻوڙن کي سڏ ٻڌارائين.

(١) سورة "بقره" آيت ٢٥٩. (٢) سورة "کهف" آيت ٢٥.(٣) سورة نمل" آيت ٨٠

"وَمَا اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِی الْقُبُوْرِ"(۱) شاهد این معنی است جواب ایشانرا این است که موتی درحالت موت و نائمان در حالت نوم در عالم برزخ اند که واسطه است درمیان دنیا وآخرت وعالم برزخ هم عالم لطیف است باعتبار این عالم کثیف وموجب عدم علم عدم توجه است از عالم برزخ بسوئی این عالم پس جائز است که چندساعت عالم برزخ برابر صد سال یا سه صدسال این عالم باشد ومدت معراج آن حضرت محمد ﷺ هزار سال بود و درین عالم یک ساعت بود و روز قیامت که "کَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِیْنَ اَلْفَ سَنَةٍ"

۽ تون قبر وارن کي نٿو ٻڌارائين (قرآن جون اهي آيتون) هن معنىٰ جا شاهد آهن انهن جو جواب هي آهي ته مثل موت جي حالت ۾ ۽ ننڊ وارا ننڊ جي حالت ۾ ان عالم برزخ ۾ آهن جيڪو دنيا ۽ آخرت جي وچ ۾ واسطو آهي ۽ عالم برزخ عالمِ ڪثيف جي اعتبار سان عالم لطيف آهي ۽ علم نه هجڻ جو سبب عالمِ برزخ کان هن جهان ڏانهن توجهه نه ڪرڻ آهي پوءِ جائز آهي ته برزخ جي عالم جون ٻه ٽي ساعتون هن جهان جي سؤ سال يا ٽن سؤ سالن جي برابر هجن ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي معراج جي مدت هزار سال هئي ۽ هن جهان ۾ هڪ گهڙي هئي. ۽ قيامت جو ڏينهن جنهن جو مقدار پنجاهه هزار سال هوندو.

(۱) سورة "فاطر" آيت نمبر ۲۲.

بعضی را برابر یک وقت نماز باشد و تحقیق این مقدمه در رساله زمان و مکان للعلامة السید علی همدانی قدس سره است وشعور وتمیز روح و دیدن و شنیدن وے در رسالة الارواح للعلامة السیوطی قدس سره و رسالة الارواح للعلامة محمد بن احمد غیطی قدس سره اثبات نمود است. والله اعلم بالصواب والیه المرجع والمآب

ڪن جي لاءِ هڪ نماز جي وقت جي برابر هوندو ۽ علامہ سيد علي همداني قدس سره جي ڪتاب "رسالة الزمان والمكان" ۾ هن جو تحقيق آيل آهي ۽ روح جو شعور، سمجهہ، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ رسالة الارواح ۾ علامه سيوطي قدس سره ۽ رسالة الارواح ۾ علامه محمد بن احمد غيطي قدس سره ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. والله اعلم بالصواب واليه المرجع والمآب.

ترجمو پورو ٿيو

الفقير محمد ادريس الداهري عفي عنه ما كان منه

تاريخ ٢٦- صفر المظفر ١٤١٨ھ

الموافق ١- جولاءِ ١٩٩٧ع

هي ترجمو الاربع جي ڏينهن ٽيهري نماز کان پوءِ مدرسہ افضليه ڳوٺ مقيم ڏاهري تعلقہ دولتپور، ضلع نوابشاهہ سنڌ پاڪستان ۾ لکي پورو ڪيم.

والحمد لله



تصوير:- مزار پر انوار مخدوم ابو الحسن ڏاهري

نقشبندي عليه الرحمة